رسالهٔ اويسيه

(شاهه لطيفؒ جو مخدوم محمد معينؒ ڏي
خط ۽ ان جو جواب)

مخدوم محمد معين ٺٽويؒ

مترجم
نياز همايوني

Scanned by CamScanner

رسالهٔ اويسيه

(شاه لطيفؒ جو مخدوم محمد معينؒ ڏي خط
۽ ان جو جواب)

از

مخدوم محمد معين ٺٽويؒ

مترجم

نياز همايوني

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاه

2005ع/١۴٢٦ھ

Scanned by CamScanner

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه جي گولڊن جوبلي
(پنجاهه سالن پوري ٿيڻ) جي موقعي تي پڌرو ڪيل ڪتاب

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: رسالو اويسيه (شاهه لطيف رح جو مخدوم محمد معين رح ڏي خط ۽ ان جو جواب)
تصنيف: مخدوم محمد معين ٺٽوي رح
مترجم: نياز همايوني
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2005ع
ڪمپوزنگ: موهن مڪواڻو، انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
پيسٽنگ: قمر الزمان گهانگهرو
ڇپائيندڙ: مهتاب اڪبر راشدي، سيڪريٽري شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
ڇپيندڙ: ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز، ڪراچي،فون 5221325

قيمت: 100/= روپيا

هي ڪتاب، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽري، مهتاب اڪبر راشديءَ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ پاران ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز مان ڇپائي، ڀٽ شاهه ۾ پڌرو ڪيو.

Scanned by CamScanner

فهرست

پڙ اکر	مهتاب اکبر راشدي	5
ڪهاڻي رسالي اويسيہ جي اشاعت جي	تاج جويو	7
مهاڳ	نياز همايوني	13
مخدوم محمد معين ٺٽوي (سوانح)	نياز همايوني	17

رسالہ اويسيہ (فارسي)

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ طرفان سوال	23
حضرت مخدوم محمد معين ٺٽويءَ پاران جواب	25

حواشي ۽ تعليقات

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي	51
شيطان	53
ميران سيد عبدالڪريم	54
حڪم نام شيخ شرف الدين بوعلي قلندر	55
سوال (2) بابت وڌيڪ حوالا	60
علام مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح	65
اويس قرني رح	66
سُندس- جنت جو لباس	68
غزوه بدر	69
بايزيد بسطامي رح	70

Scanned by CamScanner

اصل عبارت	71
حافظ شيرازي	72
توحيد وجود (وجدت الوجود)	73
راڳ (سماع) بابت	74
ابوالقاسم جنيده بن جنيد بغدادي رح	75
رسالہ اويسيہ جو ڪاتب: مخدوم محمد عارف سنائي	77
موت کان پوءِ حياتي	78

ضميمو (1)

شاهہ صاحب جو مخدوم محمد معين رح ڏي خط ۽ ان جو جواب	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	85

ضميمو (2)

رسالي اويسيہ (فارسي) اصل متن	91

Scanned by CamScanner

ٻہ اکر

ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ چارج وٺندي مون کي ٻنھ مختصر عرصو ٿيو آھي. اھا مون لاءِ اعزاز جي ڳالھ آھي تہ مون کي منھنجي ذميوارين سنڀالڻ سان ئي "ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز" جي گولڊن جوبلي تقريبات ملھائڻ جي سعادت حاصل ٿي رھي آھي.

مون ھن کان اڳ بہ ثقافت کاتي ۽ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز جي سيڪريٽريءَ جون ٻہ طرفيون ذميواريون سنڀاليون آھن ۽ پنھنجي وس، وسعت ۽ اپروچ (approach) موجب لطيف سائينءَ جي فڪر جي واڌ ويجھ لاءِ ڪم ڪيو آھي. ھن وقت، **"گولڊن جوبلي تقريبات"** جي انعقاد سان گڏ ھيٺيان ڪتاب منظر عام تي آڻيندي سرھائي محسوس ڪري رھي آھيان:

(1) **ديسي سيڻ ڪجن (سر ديسيءَ جو مطالعو)**: مرتب: تاج جويو

(2) **رسالہءِ اويسيہ** (شاھ لطيف ۽ مخدوم معين رح جي خط و ڪتابت) مترجم: نياز ھمايوني

(3) **لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاھ**: محمد حسين ڪاشف

(4) **ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز- گولڊن جوبلي سوونيئر**

مٿين ڪتابن جي ترتيب، تدوين ۽ اشاعت لاءِ سنڌي زبان جي ناميارِي اديب محترم تاج جويي ۽ سوونيئر جي اشاعت لاءِ ايسٽ لائين ڪميونيڪيشنز جي سربراه محترم فتاح دائودپوٽي جي ٿورائتي

Scanned by CamScanner

آهيان، جن مون سان ۽ منهنجي کاتي جي آفيسرن سان مڪمل سهڪار ڪيو ۽ هي اشاعتي ڪم تڪميل تي پهتو.

آءٌ ثقافت، سياحت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي صوبائي وزير جناب شبير احمد قائمخانيءَ جي احسانمند آهيان، جنهن مختصر عرصي ۾ "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" جي گولڊن جوبلي تقريبات جي حوالي سان رٿيل ٽه روزه پروگرام- "سنڌي اردو مشاعري" (07 جولاءِ 2005ع)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ بابت سيمينار (08 جولاءِ 2005ع) ۽ "انٽرنيشنل شاهه لطيف ڪانفرنس" (09 جولاءِ 2005ع) جي سلسلي ۾ اسان جي هر موڙ تي اخلاقي ۽ مشوراتي مدد ۽ رهنمائي ڪئي.

آءٌ ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر اين. ڊي جتوئي صاحب، ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور احمد قناصري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن جي ٿورائتي آهيان. جيڪي مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا ۽ هي "تاريخي پروگرام" (Historical Event) ڪرڻ ۾ اسان ڪامياب ٿيا آهيون.

مهتاب اڪبر راشدي

سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ
۽ سيڪريٽري، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،
ڀٽ شاهه

ڪراچي، سنڌ

21-05-2005

Scanned by CamScanner

ڪهاڻي 'رسالو اويسيءَ' جي اشاعت جي

مون مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد 1971ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج سڪرنڊ مان ايس. وي (Senior verniculer) جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيو. نتيجي طور مون کي پرائمري ماستريءَ جو آرڊر مليو، پر جنم سرٽيفڪيٽ موجب منهنجي عمر جيئن ته ننڍي هئي، ان ڪري بعد ۾ مون کان ماستريءَ جو آرڊر واپس ورتو ويو. سَنُ، جيئن ته اسان جي وڏن جو آبائي ڳوٺ هو، ان ڪري بيڪاريءَ ۽ بيروزگاريءَ جو وقت گذارڻ لاءِ آءٌ سن ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ وٽ اچي رهيس ۽ ڪيس دڪانداريءَ ۾ اچي مدد ڪرايم. انهن ئي ڏينهن ۾ سائين جي. ايم. سيد (جيڪو اسان جو خانداني مرشد هو) نظربنديءَ مان آزاد ٿيو هو، ۽ ان کي ڪنهن اهڙي بيروزگار نوجوان جي تلاش هئي، جنهن جا اکر سٺا هجن ۽ جيڪو سندس لکيل ڪتابن جو اُتارو ڪري سگهي. سائين راشد مورائيءَ ۽ منل ڪمالاڻيءَ جي ڏس تي ڪُٺو وجي منهنجي حق ۾ پيو، ۽ مون سائينءَ وٽ رهي، اڌ مُنو سال سندس قلمي ڪتابن جو اتارو ڪيو ۽ ائين سائينءَ جي وسيع لائبريريءَ کي اٿلائڻ ۽ سانڍڻ سان گڏ ڪتابن پڙهڻ جي چاهه ۽ چُوس ۾ اضافو ٿيم.

آڪٽوبر 1972ع ۾ 18 سال ڄمار پوري ٿيڻ بعد مون وري پرائمري ماستري ڪئي، پر هر وئڪيشن ۾ باقاعدگيءَ سان سَن اچي سائينءَ جي ڪتابن جي اُتاري ۽ لائبرريءَ جي سنڀال جو ڪم ڪندو هوس.

Scanned by CamScanner

منهنجو شاعريءَ ۽ ادب ڏانهن لاڙو ڇهين ڪلاس کان ئي هو، پر سائينءَ جي صحبت ۽ سندس لائبرريءَ ۾ موجود ڪتابن جي مطالعي مون کي ان ڏس ۾ وڌيڪ رچائي ريٽو ڪيو. سَن ۾ جيڪي شخصيتون، اديب ۽ شاعر، باقاعدي سائينءَ وٽ ايندا هئا، ۽ پيرو نه ڇڏيندا هئا، تن ۾ نياز همايوني مرحوم به هڪ هو. هن سان واقفيت وڌي نظرياتي هم آهنگيءَ ۽ دوستيءَ تائين پهتي.

1992ع ڌاري هڪ ڏينهن سائينءَ جي لائبريريءَ جي صفائي ڪندي، ڪٻٽ جو 'قديم قلمي نسخن' وارو خانو کوليم ته انهن ۾ "رساله اويسيه" تي نظر پئي. خوشقسمتيءَ سان اُن ڏينهن نياز مرحوم به سائينءَ وٽ آيل هو، جنهن نسخو نظر مان ڪڍي چيو ته: "هي ته اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاه لطيف ۽ مخدوم معين ٺٽويءَ جي خط و ڪتابت ٿيل آهي، هن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي. تُنهنجو جڏهن به حيدرآباد اچڻ ٿئي ته سائينءَ کان اجازت وٺي اهو ڪتاب کڻي اچجانءِ، ته توکي فوٽو ڪاپي ڪرائي واپس ڪندس." ۽ مون نياز محروم جي هدايت تي عمل ڪيو.

ان ڳالھ کي ڪيترا سال گذري ويا. سيپٽمبر 1997ع ۾ جڏهن سنڌ سرڪار مون کي "سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ" جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ته هڪ ڏينهن پبليڪشن آفيسر محترم محمد امين لغاريءَ سان گڏ مختلف اديبن جي قلمي مسودن ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن کي نظر مان ڪڍيم ته اک وڃي "رسالهء اويسيه" جي سنڌي ترجمي تي پيم. نياز همايوني مرحوم جا اکر سڃاڻي مون اهو ڪتاب ڪڍائي پنهنجي آفيس ۾ آندو ۽ امين لغاريءَ کي هدايت ڪيم ته هن کي ڪمپوز ڪرايو وڃي. هن مون کي ٻڌايو ته ان ڪتاب جي ڪمپوزنگ اداري جي اڳوڻي چيئرمن ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ڪرائي هئي، هارڊ ڊسڪ ۾ مواد موجود هوندو. مون ان جي پرنٽ ڪڍائي، پهريان پروف چڪاسيا ۽ اٿارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر الانا صاحب سان ان اهم تاريخي ڪتاب کي ڇپائڻ جي ڳالھ ڪيم.

Scanned by CamScanner

هن صاحب ’خانہ فرهنگ ايران‘ جي حيدرآباد واري دفتر سان ڳالهائي، سنڌن مالي سهڪار سان ان اهم ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ مون کي هدايت ڪئي. ان وچ ۾ مون اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس کان بہ ان ڪتاب جي ڇپائيءَ جي منظوري وٺي ڇڏي. خدا جي ڪرڻي اها ٿي، جو ڊاڪٽر الانا صاحب جي چيئرمئن شپ جو عرصو پورو ٿيو ۽ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، سنڌي لئنگيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن بنجي آيو. مون سنڌس آڏو پڻ هن اهم ڪتاب جي ڇپائيءَ جي رٿ رکي، پر هن صاحب ڊاڪٽر الانا صاحب جي دور ۾ منظور ٿيل ڪتابن جي ڇپائيءَ کي ڪا اهميت نہ ڏني.

مون ڊاڪٽر ٻگهئي صاحب سان گڏ هڪ سال ڪم ڪيو، پر اسان ڪن اٽر سببن جي ڪري گڏ هلي نہ سگهياسون. ان وچ ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق، ’نئين هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ پاران نئين متعلق ڪتابن ڇپائڻ جو هڪ منصوبو ترتيب ڏنو، جيڪو نئين جي ادب دوست ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر محمد اسحاق لاشاريءَ جي مالي مدد سان عمل ۾ اچڻو هو. مون ڊاڪٽر صاحب جو ڌيان ’رسالہ اويسيہ‘ جي اشاعت طرف ڇڪايو، ۽ هن صاحب ڪنهن نموني هن ڪتاب جا ٻہ اٿارٽيءَ کان حاصل ڪري ورتا، پر ان ۾ پروفنگ جون ڪافي غلطيون رهجي ويون هيون ۽ اصل مسودو بہ ڪيس اٿارٽيءَ جي انتظاميا کان حاصل نہ ٿي سگهيو- ۽ ائين وري هي ڪتاب اشاعت جو سوجهرو نہ ڏسي سگهيو.

گذريل سال (مارچ 2004ع) ۾ جڏهن شاهہ لطيف جي ساليانيءَ عُرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ٿيو تہ، مون ثقافت ۽ سياحت کاتي جي ائڊيشنل چيف سيڪريٽري سيد انوار حيدر کي مرحوم نياز همايونيءَ جي ترجمو ڪيل ’رسالہ اويسيہ‘ سان گڏ سنڌس ’**شاهہ جي رسالي جو منظوم فارسي ترجمو**‘ بہ ڇپائڻ جي گذارش ڪئي ۽ هن صاحب اهڙو وعدو ڪيو تہ هو ’**ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز**‘ جي گولڊن جوبلي تقريب جي موقعي تي اهي ٻئي ڪتاب ڇپائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو.

هن صاحب اهي ٻئي ڪتاب ڪمپوز ڪرائڻ ۽ ايڊيٽنگ

Scanned by CamScanner

ڪرڻ جو ڪم مون کي سونپيو، مون مهيني ڏيڍ اندر ٻئي ڪم پورا ڪري ورتا. ان وچ ۾ سيد انوار حيدر صاحب ثقافت کاتي جي چارج ڇڏي، بورڊ آف روينيو جا سينيئر ميمبر بنجي ويا ۽ هي ڪم وري رهجي ويو.

1 جون 2005ع تي مون کي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي گولڊن جوبليءَ جي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ هڪ اهم گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت لاءِ چيو ويو، جتي ثقافت ۽ سياحت جي صوبائي وزير جناب شبير احمد قائمخانيءَ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر محترم منظور احمد قناصري صاحب، مون تي اها ذميواري رکي ته، آءٌ 26 جون 2005ع تي ٿيندڙ گولڊن جوبلي تقريب جي موقعي تي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪتاب ڇپائي پڌري ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪريان ۽ کاتي پاران رٿيل "ڪل سنڌ ۽ اردو سنڌي مشاعري"، "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ بابت سيمينار" ۽ "انٽرنيشنل شاهه لطيف ڪانفرنس" جي سلسلي ۾ ساڻن سهڪار ڪريان.

مون پنهنجي ادبي ۽ گهرو مصروفيتن کي پاسيرو ڪري، ڀٽائيءَ جي 261هين عرس تي سُر ديسيءَ جي حوالي سان ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن جو ڪتاب **"ديسي سيڻ ڪجن"**، **'رسالہ اويسيہ'** ۽ لطيف جي پارکو محمد حسين ڪاشف (جيڪو هن وقت دل جي عارضي سبب بستري داخل آهي) جي مقالن جو ڪتاب **"لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه"** ترتيب ڏئي، پروف ڏسي، ايڊٽ ڪري، وقت اندر ثقافت کاتي جي حوالي ڪيا.

آءٌ ٿورائتو آهيان جناب شبير احمد قائمخاني (صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت، سنڌ)، محترم ماهتاب اڪبر راشدي (سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتي)، محترم منظور احمد قناصري (ڊپٽي ڊائريڪٽر ثقافت ۽ سياحت کاتي) جو، جن جي اعتماد ۽ سهڪارسان هيءُ ڀهاڙ جيڏو ڪم سر ڪري سگهيو آهيان.

'رسالہ اويسيہ' جي هن نسخي جي تاريخي طرح اهميت ان ڪري به آهي ته هي نسخو مخدوم محمد معين جي وفات کان 70

Scanned by CamScanner

سال پوءِ، سنڌ جي مشهور عالم ۽ ڪاتب محمد عارف سنائيءَ 1230هه ۾ ڪتابت ڪيو ۽ اُن جو نسخو سنڌ جي وڏي علمي گهراڻي سائين جي. ايم. سيد جي ڪتبخاني مان دستياب ٿيو. هن نسخي جي پڻ وڏي اهميت اها به آهي ته هن کان اڳ 'رسالہ اويسيہ' جا جيڪي به نسخا، پير جهنڊي جي لائبرريءَ يا ٻين هنڌن تان هٿ آيا آهن، جن جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ مضمون (جيڪو پڻ مون هن ڪتاب جي ضميمي (1) طور شامل ڪيو آهي) ۽ ڊاڪٽر عبدالمقيت شاڪر عليميءَ 'رسالہ اويسيہ' جي اردو ترجمي (مطبوعہ زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد: 2002ع) ۾ ڪيو آهي، تن ۾ نه ڪاتب جو نالو آهي ۽ نه سن ڪتابت. پر مرحوم نياز همايونيءَ جي ترجمي ڪيل نسخي ۾ اهي ٻئي پورايون ٿيل آهن، جنهن سان هن نسخي جي اهميت ۽ افاديت اجا به وڌي وڃي ٿي.

آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجي دوست ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ايڊيٽر محترم **خالد آزاد وگهيي** جو، جنهن 'رسالہ اويسيہ' جا پهريان پروف منهنجي حوالي ڪيا. خاص ٿورا موهن مدهوش (انٽيل ڪميونڪيشنز، حيدرآباد) جا، جنهن ٿن ڏينهن اندر نه رڳو هن ڪتاب جا نئين سِر ٽي پروف ۽ بٽر ڪڍائي ڏنا، پر اصل فارسي متن کي پڻ اسڪيننگ ڪرائي ان جا به بٽر ڪڍي ڏنا. وڏا احسان ايسٽ لائين ڪميونيڪشنز جي فتاح دائودپوٽي جا به، جنهن مختصر عرصي ۾ نه رڳو هي ڪتاب، پر ٻه ٻيا ڪتاب ۽ سووينئر پڻ ڇپائي پڌري ڪرڻ ۾ منهنجي ۽ سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي مدد ڪئي.

آءٌ ٿورائتو آهيان، پنهنجي دوست رڪيل مورائيءَ جو، جيڪو هميشه علمي ادبي ڪمن ۾ منهنجو سهڪاري رهيو آهي ۽ جنهن جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ ويهي، مون 'رسالہ اويسيہ' کي آخري ترتيب ڏيڻ سان گڏ ان جي اشاعت جي ڪهاڻي به رقم ڪئي.

- تاج جويو

14 جون 2005ع

Scanned by CamScanner

نُوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهانَ ۾،
ٻري جن ٻاري، آءُ نہ جيئندي اُنَ ري!
(شاهہ)

مهاڳ

سنڌ جي برگزيدي عالم مُحترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ جو رسالو (شاهہ جو ڪلام) شاندار تحقيق سان ترتيب ڏيندي،پهرئين جلد جي ص46 تي شاهہ ڪريم جو اڌپورو بيت: ”تري پڳي ڪنگري، ٿلها ڦيرا ڏي“. شاهہ لطيف جي هن سٽ جي پورائيءَ سان پيش ڪيو آهي، ’آٽي نڪي نئي، تہ بہ سلهاڙي وڃي ساٿ سان‘! پورو بيت هن ريت بيهي ٿو:

ترِي پڳي ڪِنگري، ٿلها ڦيرا ڏي،
آٽي نڪي نئي، تہ بہ سلهاڙي وڃي ساٿ سان!

ٻنهي پلارن جو پال پريو بيت پنهنجي حال مطابق سمجهي، نيازمند کي اهو اظهار ڪرڻو پوندو تہ مون علم جي اڻهوند جي باوجود مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جهڙن اُتاهين عالم ۽ حضرت شاهہ لطيف جهڙي مٿانهين درويش ۽ شاعر جي تذڪري ۽ تحرير سان قلبي ۽ قلمي تعلق رکي، ترِي پڳل ڪنگريءَ وانگي، ’آٽي نڪي نئي‘ موجب، پاڻ کي ڪٽي ساٿ سان سلهاڙيو آهي. خدا مڙئي خطائون معاف ڪندو! پنهنجي عقيدن جي سيني بزرگن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي، اُن ڪري اهو ٻڌائڻ ضروري ناهي تہ مان پاڻ کي ”ڪجهہ“ ثابت ڪرڻ واري خيال کان هي سڀ ڪجهہ پيو ڪريان، پر سنڌ سان جيڪا ۽ جهڙي بہ عقيدت اٿم، ان جذبي کان هي جوکم جا ڪم پيو ڪريان. اها پڪ اٿم تہ انهيءَ ڪم ڪار کي گورک ڏنڌي جي ڪنڌي ۾ داخل نہ ڪيو ويندو ان ڪري جو مان هن کان اڳ پنهنجي مُنهن قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم رح جو ڪلام سنڌيءَ مان اردوءَ ۾، خواجہ محمد زمان رح لنواري واري ۽ حضرت شاهہ لطيف رح جي شاعري فارسيءَ ۾، شيخ مغل پيرڻءَ جي سوانح ۽ ’سير سلوڪ‘ کي فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ منتقل ڪري چڪو آهيان.

Scanned by CamScanner

اهو اٽائو شغل محض ان لاءِ اختيار ڪرڻو پيم تہ جيئن (1) نہ ڇاٽندڙ دوستن کي جيڪي، دشمنيءَ جي حد تائين سنڌ جي شاهڪار علمي ادبي ذخيرن کي حقارت جي نظر سان ٿا ڏسن. (2) تہ خود سنڌي پاڙن کي جيڪي پنهنجي اُملهہ ماڻڪن کي نسورو ڪچ ڀانئي، پاڻ کي پنهنجين نگاهن ۾ حقير سمجهي رهيا آهن. صاحبڏني فقير چواٽي:

ڪنهن جو نينهن نهر سان، ڪنهن ڍہايا درياهہ،
صاحبڏني جي ساهہ، آهي سمنڊ سمائيو.

تن سيني کي اها پروڙ پوي تہ سنڌ جو نينهن، جنهن سان خُود سونهن جي وروَنهن رهي ٿي، نهرن ۽ درياهن کان مٿانهون ۽ سمنڊ کي ساهہ ۾ سمائڻ وارو آهي.

دراصل مان ذاتي طرح احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهيان. بعضي ايئن محسوس ٿيندو اٿم. جڻ اهو احساس سمنڊ جي ڇولين وانگر اُڀري ڪپر سان ڪنڌ هڻڻ جي ڪندو آهي، پر اُهو ڪپر يا ڪلنپر منهنجو پنهنجو نہ، بلڪ مادر وطن سنڌ جو هوندو. جنهن لاءِ احساس برتريءَ واري اون بيقرار ڪندي اچي ٿي، ۽ ان مهل ايئن ڀائيندو آهيان تہ اڻ لکائيءَ ۾ منهنجا پير انهيءَ پاسي کڄندا پيا وڃن. جنهن جي انتها اُن پڙلاءَ تائين آهي:

پرت ڇڏ پرڏيهہ جي، ساڻيهہ ڪر سنڀال،
لکن سندي لال، مچڻ مفت وڃائيين!

(خواجہ محمد زمان)

منهنجي دل مان ڪڏهن اها دُعا نڪرندي آهي تہ خدا مون کي ٿيستائين جيئرو رکي، جو مان پنهنجي وسعت آهر سنڌ جي علم ادب، تاريخ ۽ تذڪرن بابت فارسيءَ ۾ قلمبند ٿيل ڪتاب وڏ ۾ وڏ سنڌيءَ ۾ آڻي، ان جي پنڌار کي ايڏو ڀرپور ڪري ڇڏيان، جو هر ڪو ڇوڻ لڳي تہ هن ٻوليءَ ۾ اُٿ ڪتابن جا تہ ڇا، ڪتابن سان ڀريل اُٺن جون قطارون آهن. جيڪي رات جي پوين پهرن وارن قافلن جي ڪَرهن وانگر ڇڙن کي ڇونگاريندين، روح ۾ رهہ جهم ڪنديون وڃن ٿيون. ۽ انهيءَ ريس تي (ڇو تہ پنهنجي پر هونئن ئي ريساري تہ آهي) ٻيا بہ ڪي جوان جاڳي پون ۽ اڪيون مهٽي الاتوهار ڪري، ٻين ٻولين عربي، انگريزي وغيره جا دفتر ڏوٽي، سنڌ جو وکر سنڌيءَ ۾ ورائي آڻين:

Scanned by CamScanner

اهو وڪر، جو پٽيءِ پُراڻو ٽيٽو ناهي - ۽ پوءِ شاهه عنايت چوائي:

ڀڳت جي ڀڳوان جا، سي سامي سوڏڙيا،
ملنگي مولهڙيا، راول رتا رام ڪان.

مون مخدوم محمد معين جهڙي متبحر ۽ معتبر عالم ۽ درويش جو هي شاهڪار 'رسالہ اويسيہ'[1] پنهنجي جذبي ۽ حوصلي سان فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ مونجهاري مهل وقت جي عالم ۽ بزرگ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان وٽان مشوري وٺڻ جو شرف حاصل ڪيو اٿم.

عربيءَ ۾ منهنجو مطالعو ايڏو وسيع ناهي، اُن ڪري وڌيڪ ڪجھہ حاشيہ آرائي نہ ڪئي اٿم. ٻي ڳالهہ تہ مخدوم صاحب هن رسالي کي پنهنجي علمي فضيلت سان مختصر پر جامع انداز ۾ اهڙي نموني قلمبند ڪيو آهي، جو اُن تي وڌيڪ ڪي لکڻ ڏکيو پيو لڳي. هڪ هنڌ سمجهاڻيءَ طور علامہ محمود اَلوسي ۽ ٻين بزرگن جي لکت جي حوالي سان اختصار ڏنو اٿم، پر حقيقت اها آهي تہ اهو خود مون کي ذهن سان نٿو آئڙي، اُن ڪري ايتري تائين اڪتفا ڪرڻي پيم. غرض تہ رسالي ۾ اها گنجائش ناهي، جو نقل در نقل وسيلي بحث اندر بحث وڌائي، اصل مقصد کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏجي. اميد تہ پڙهندڙ ۽ پارکو حضرات انهيءَ نظر سان هن رسالي کي مطالعي هيٺ آڻيندا.

والسلام!

نياز همايوني

---

(١) هن رسالي "اويسيہ" جي اصل ڪاپي، مون کي سائين جي، ايم، سيد جي ڪتبخاني مان محترم دوست تاج جويي هٿ ڪري ڏني، جنهن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ڪيرايم (ن.ھ)

مخدوم محمد معين ٺٽوي رحمت الله عليه

ٻارهين صدي هجري، سنڌ سونهاريءَ لاءِ علمي لحاظ کان سونهري دور ڪري ليکجي ٿو. مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو بہ انهن ڀلارن مان هڪ آهي. جنهن جو نالو هند، سنڌ توڙي عرب ۽ عجم ۾ عالم جي حيثيت سان مشهور ۽ معروف آهي. مخدوم صاحب جا وڏا پڻ عالم فاضل هئا. سندس ڏاڏو مخدوم طالب الله روپاهہ جي پٽ باران جي "دالي" ڳوٺ جو رهاڪو هو. علم فضل ۾ هن جي ممتاز حيثيت هئي. مخدوم صاحب جو والد مخدوم محمد امين پنهنجي ڳوٺ مان لڏي اچي ٺٽي ۾ ويٺو. هي بہ وڏو عالم ۽ درويش صفت بزرگ هو جنهن لاءِ مخدوم عبداللطيف ولد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکي ٿو تہ: هو وڏو ڪامل، صالح ۽ پرهيز گار هو. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد ابراهيم مُدئي وارو بہ سندس ساراهہ ڪري ٿو.

مخدوم محمد معين جي ولادت ١٠٩٣هہ مطابق 1682ع ۾ ٿي. شروعاتي تعليم پنهنجي والد بزرگوار محمد امين وٽان ورتائين، پوءِ وقت جي وڏي عالم مخدوم ميان عنايت الله (١١١۴هہ) جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو. مخدوم ميان عنايت الله، ٺٽي جي نامور عالم فاضل بزرگ مخدوم ميان احمد ڪتابيءَ (وفات: ١١١۴هہ) جو شاگرد هو. ڪيس وڏي عالم هئڻ سان گڏ صاحب تقويٰ ليکيو وڃي ٿو ۽ وٽانئس ڪيئي بزرگ فيضيات ٿيا هئا. جن مان مخدوم ضياءُ الدين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي وڏيءَ شهرت وارا آهن.

ظاهري علوم کان فارغ ٿي، مخدوم محمد معين باطني علوم ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ نقشبندي سلسلي جي بزرگ شيخ ابوالقاسم درس (١١٣٨هہ) جي بيعت ڪري، ذڪر اذڪار ۾ مشغول ٿي ويو.

سندس گذر بسر لاءِ وقت جي حڪمران جاگير مقرر ڪري ڇڏي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن ٺٽي ۾ ٻاهرين عالمن ۽ بزرگن جي

Scanned by CamScanner

آمد و رفت جاري رهندي ٿي آئي. مخدوم محمد معين، ابن عربيءَ جي مشهور ڪتاب "فصوص الحڪم" جو درس شيخ علي رضا جيلانيءَ کان ورتو جيڪو ان وقت ٺٽي ۾ آيل هو جنهن کي ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽان مالي مدد حاصل ٿيل هئي.

مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي ڪتاب "شاھ ولي الله ڪي سياسي تحريڪ" ۾ لکي ٿو: مخدوم محمد معين، حضرت شاھ ولي الله دهلويءَ (١١١٤-١١٧٦ھ) جي علم جي هاڪ ٻڌي دهليءَ ويو جتي ڪيترا سال رهي فلسفئہ الاهيات، حديث ۽ ٻين علمن جي تحصيل ڪيائين. مخدوم صاحب[1] پنهنجن ڪيترن رسالن ۾ ڪن بزرگن جا نالا ڄاڻايا آهن، جن وٽان پاڻ فيضياب ٿي چڪو هو جهڙوڪ: شيخ عبدالقادر صديقي مڪہ مڪرمہ (١١٣٨ھ)، شيخ محمد ابو طاهر بن شيخ ابراهيم ڪُردي مدني، وقت جو قطب شيخ آدم ٺٽوي ۽ شيخ محمد زڪي سرهندي بن شيخ محمد حنيف وغيره.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکن ٿا تہ "مخدوم محمد معين هڪ هنڌ ڄاڻائي ٿو تہ مون شيخ عبدالقادر مڪي ۽ شيخ ابو طاهر مدنيءَ کان خط و ڪتابت ذريعي حديث جي اجازت حاصل ڪئي هئي، باقي ٻين عالمن وٽان روبرو ملاقات دوران اجازت ورتي هئم. مخدوم محمد معين، شيخ ابن عربيءَ جو ايڏو تہ شيدائي هو جو پنهنجي تصانيف ۾ هن بزرگ جو نالو نهايت ادب سان لکندي، حظ ۽ لطف حاصل ڪري ٿو. ڪڏهن ساڻس خواب ۾ ملاقات جو ذڪر بہ ڪيو اٿائين."

مخدوم صاحب جي پنهنجي همعصر عالمن سان ڏاڍي محبت ۽ دوستي هوندي هئي. مخدوم جلال محمد ڪڪرالي واري جي علم جو وڏو معترف هو جيڪو تقرير ۽ تحرير جو ڌڻي، طب ۽ علم نجوم جو ماهر ۽ ديني عالم هو. باڪمال عالم هوندي بہ ڏاڍي سادگيءَ سان زندگي بسر ڪندو هو ۽

(١) مخدوم معين جي علمي مرتبي جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو تہ جڏهن مسئلن جي تحقيق ۾ مخدوم معين، شاھ ولي الله جي آڏو نئين انداز ۽ ڍنگ سان پنهنجي راءِ پيش ڪئي تہ شاھ صاحب سندس باري ۾ فرمايو تہ "ومن الرديف فقد رڪبت غضنفرا" يعني "بيشڪ تون (علمي تحقيق ۾) شينهن تي سوار آهين" (مقدمہ: دراسات، ص8، ڇپيل سنڌي ادبي بورڊ)

لڳ ڀڳ ١١٨٠هه ۾ وفات ڪيائين. ان کان سواءِ حضرت حاجي فقير الله شاهه علوي شڪارپوريءَ (١١٠٠-١١٩٥هه) سان به سندس دوستي ۽ محبت جو رستو هو. "مڪتوبات شاهه فقير الله" ۾ مخدوم صاحب جي نالي پنج خط موجود آهن. سندن وچ ۾ ملاقات جو سلسلو به هلندو ٿي آيو. آخري عمر ۾ شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي نظريه وحدة الوجود کان متاثر ٿي، صوفي شاهه عنايت جهوڪ واري (شهيد) جو عقيدتمند ٿيو.

مخدوم محمد معينؒ جو حضرت شاهه عبداللطيف رحمته الله عليه (وفات ١١٦٥هه) سان گهاٽو رستو هو. ٻئي دوست هڪ ٻئي وٽ وقت به وقت پيا ايندا ويندا هئا.

تحفته الڪرام ۾ مير علي شير قانع لکي ٿو: "پوين ڏينهن ۾ جناب ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف تارڪ لقب واري سان مخدوم صاحب جو عقيدت ۽ محبت وارو رستو قائم ٿيو. مخدوم صاحب "السماع معراج الاولياءُ" جو قائل هو ۽ پاڻ به موسيقيءَ جي فن ۾ مهارت ٿي رکيائين." ٻئي هنڌ "معيار سالڪان طريقت" ۾ هنن ٻنهي يارن جي روحاني راز بابت اظهار ڪري ٿو ته:

"مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ سندس جنازو مڪليءَ جي قبرستان ڏانهن کڻي پئي ويا ته حضرت شاهه لطيف ان سان گڏ هلندو ٿي رهيو. جڏهن رسم موجب شاهه سائينءَ اجازت گهري ته جنازي جو مٿيون حصو پنهنجو پاڻ ڦري شاهه صاحب ڏانهن ٿي ويو. جيستائين شاهه صاحب اتان نه ويو تيستائين جنازو انهيءَ حالت ۾ رهيو تنهن کان پوءِ جنازو سڌو ٿيو."

تحفته الڪرام ۾ ڪجهه وڌيڪ وضاحت ڪندي مير علي شير قانع لکي ٿو ته: "مخدوم محمد معين جي رحلت به سماع دوران ٿي هئي. هڪ ڏينهن سيد عبداللطيف تارڪ پنهنجي ماڳ (ڀٽ) تي خادمن کي چيو: "هلو ته پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪري هلون"، ايئن چئي ٺٽي آيو ۽ راڳ جي محفل برپا ڪيائين. مخدوم محمد معين به انهيءَ صحبت ۾ شامل هو. محفل جي عين اوج ۾ اچڻ واري وقت مخدوم صاحب اتان اٿي اندر ويو ۽ سندس پساهه پرواز ڪري ويا.

رَهيا اٿئي رات، صبح ويندءِ صابري!

Scanned by CamScanner

شاهہ صاحب، جنازي ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ ڳوٺ ورندي وقت چيو تہ "هن (مخدوم معين) جي ڪري ٺٽي اجڙ ٿيندو هو اڄ کان پوءِ اهو بند ٿيو". (تحفتہ الڪرام)

مشهور شاعر محسن ٺٽوي (وفات ١١٦٣ھہ) سندس وفات تي پنهنجي غم جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

عارف دين معين حق مخدوم
آنڪہ در عشق جملہ تن دل شد

نور ذهنش بمشڪلاتِ علوم
در شبِ جهل بدر ڪامل شد

باڪمالاتِ ظاهري از فڪر
باطنش مظهرِ فضائل شد

بہ نگاهي ڪ ڪرد شاهدِ غيب
عين او گشت و سوئ منزل شد

لاجرم سالِ فوت او گفتند
قطره در بۂ بحرِ واصل شد
(١١٦١ھہ)

مخدوم محمد معين، سنڌي، هندي ۽ فارسي ٻولين جو شاعر ۽ اڪيچار ڪتابن جو مصنف هو جن جي وڏي فهرست ڏنل آهي. انهن مان "رسالہ اويسيہ" بہ هڪ آهي. هي فارسي رسالو حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پڇيل سوالن جي جواب ۾ سنڌي ترجمي جي وساطت سان پيش ڪيو ويو ٿو. مخدوم صاحب جي سنڌي ۽ هندي شاعري اڻلڀ آهي، هنديءَ ۾ "بيراڳي" تخلص ڪم آڻيندو هو. چون ٿا تہ دوهي ۽ گيت ۾ طبع آزمائي ڪيل اٿس. باقي فارسيءَ ۾ سندس ڪي رُباعيون ۽ بيت ملن ٿا، جن مان بہ بيت نموني طور هتي ڏجن ٿا:

Scanned by CamScanner

خاڪساري رفتہ رفتہ سربلندي مي ڪند
سر بہ زير خاڪ بردن دانہ مي داندڪ چيست
(خاڪساري هوريان ڏاڍيان سر بلنديءَ جو باعث بڻجي ٿي.
داڻو جڏهن مٽيءَ ۾ پوي ٿو تڏهن ان ڪي اهو پتو پوندو آهي.)
سگت را خونِ دل دادم ڪ با من آشنا گردد
ندانستم کہ بختِ بد ڪ او ديوانہ خواهد شد

(ڪُتي کي پنهنجو رت پياريم، ان لاءِ تہ ساڻس
ڪا ڏيٺ ويٺ ٿئي، پر هو نياڳو ٿِتو ٿي پيو.)

مخدوم صاحب جي اهل بيت سان عقيدت هئي، جنهن لاءِ ڪتابن کان علاوه ڪي شعر پڻ چيا اٿائين.[١]

مخدوم معين، جو تصوف جو وڏو شارح هو گڏوگڏ درس تدريس ۽ تصنيف و تاليف جو سلسلو بہ جاري رکيائين. نٽي ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين، جنهن ۾ مختلف علمن ۽ فنن جي تعليم ڏني ويندي هئي، هن مدرسي مان ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿي وقت جا وڏا عالم ٿيا. مولانا عُبيدالله سنڌيءَ لکيو آهي تہ "مخدوم محمد معين جو مدرسو سنڌ ۾ شاه ولي الله جي تحريڪ جو وڏو مرڪز رهيو آهي".

---

(١) محترم پروفيسر امين احمد علوي شڪارپوريءَ جي مضمون "الرحيم" مارچ، اپريل، مئي، جون 1979ع جي ٿوري ۾ استفادي سان.

Scanned by CamScanner

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (رح)
طرفان سوال

بسم الله الرحمٰنِ الرحيم

سوال(١):

ڇا ٽا فرمائين عالم سڳورا هن باري ۾ تہ:

لفظ "اويسي" صوفين سونهارن جي طائفي ۾ آيل آهي يا نہ؟ جي آيل آهي تہ ڪهڙيءَ معنيٰ ۾؟ فرض ڪريو هڪ شخص اويسي آهي تہ ان لاءِ ظاهري پير مرشد وٽان روحاني فيض جو حصول، منافات (هڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) جي زمري ۾ تہ نٿو اچي: يعني اها ڳالهہ ٻنهي ڌرين جي مجتا کان ٻاهر ليکي ويندي ڇا؟

سوال(٢):

عالم برزخ (موت کان قيامت واري عرصي تائين) ميت کان فيض وٺڻ عقلي ۽ شرعي روءِ موجب جائز ٿي سگهي ٿو يا نہ؟

سوال(٣):

فقه ۽ سلوڪ ظاهري عالمن جي نزديڪ منافات (هڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) ۾ آهي يا نہ؟ جيئن مٿي چيو ويو تہ اهو مسئلو ٻنهي ڌرين جي مَجتا کان ٻاهر آهي يا نہ؟

سوال(٤):

وڏن ولين مان الله جو ڪو بہ هڪڙو وَلي، جيڪو چڱين عادتن ۽ ڪرامتن وارو تہ هجي، پر اُن جي ارادت مشهور سلسلن: نقشبندي يا قادريءَ جي ڪنهن بہ پير مرشد سان نہ هجي تہ سندس مُريديءَ واري طريقي کي بي بنياد يا بي اصل شمار ڪيو ويندو يا نہ؟

Scanned by CamScanner

اوهان جيئن تہ دين متين جا حامي، عالم ۽ چڱي مَڃي معاملي کي چٽائيءَ سان بيان ڪندڙ آهيو. مٿيان سوال اوهان جي ڏيان تي آندا ويا آهن، انهيءَ نيت سان تہ انهن جا جواب عنايت ٿين. اميد تہ سولي فارسيءَ ۾ انهن مسئلن جي وضاحت فرمائي ويندي، جيئن اُن مان هر ڪو فائدو وٺي سگهي ۽ آئيندي لاءِ بہ عوام الناس جي رهنمائي ٿيندي رهي.

خدا اوهان کي اَجر ڏيندو عافيت عطا ڪندو ۽ اوهان تي راضي رهندو. آمين!

—

مون کي مون پرين، ٻڏي وڃو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون، مڇڻ پاند پُسائين!

—

پيو جو پاتار، سو ڪِئن پسڻ ڪان پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار، پاند انهيءَ پار جو! (١)

---

(١) هن رسالي ۾ سنڌي شعر موقعي جي مناسبت سان ترجمي دوران ڏنل آهن، جن جو اصل نُسخي سان واسطو ڪونهي. (ن_ھ)

Scanned by CamScanner

حضرت مخدوم محمد معين ٺٽوي (رح)
ٻارن جواب

بسم الله الرحمٰنِ الرحيم

حامد الله سبحانہ العظيم مصليا و مسلماً عليٰ رسولہ الکريم
و اهل بيت الفخيم و اصحابہ ذوي الفضل العظيم – اما بعد!

سوال(١) جو جواب:

لفظ "اويسي" صوفين جي ڪلام ۾ آيل ۽ گهڻي قدر مشهور آهي، جنهن ڪان پڙهيل لکيل ماڻهو چڱيءَ طرح واقف آهن. "اويسي" ان شخص کي چيو ويجي ٿو جنهن جي ترتيب ۽ تڪميل ۾ روحانيت جو دخل هجي، يعني هن جيڪي پڙهيو ۽ پُرجهيو آهي، تنهن موجب ڪيس "اويسي" لفظ جي اصل حقيقت بابت ڄاڻ ضرور هئڻ گهرجي. اهو سوال ظاهر پير جي منافات (هڪ ٻئي ڪان نفي ڪرڻ) واري حالت سان تعلق نہ ٿو رکي.

حضرت احرار قدس سره باوجود ظاهري پير جي حضرت خواجہ نقشبند رحمتہ الله عليہ وٽان روحانيت جي امداد ورتي هئي، تنهن هوندي بہ پاڻ "اويسي" سڏائيندا هئا. ساڳئي نموني حضرت خواجہ نقشبندي رحمتہ الله عليہ بہ ظاهري پير جي هوندي خواجہ عبدالخالق عجدواني رحمت الله عليه ڪان روحانيت جي امداد حاصل ڪئي هئي ۽ هي بزرگ بہ اويسي هو. اهڙا ڪيئي اولياءَ ٿي گذريا آهن، جن جو ڪوئي بہ ظاهري پير ڪو نہ هو ۽ اهي روحانيت واريءَ امداد جي آذار تي ڪماليت جي رتبي تائين وڃي رسيا. ان لحاظ ڪان جيڪڏهن نقشبندي بزرگن جي طريقت واري شجري تي نظر ڪئي ويندي تہ ان ۾ ڪيترا شخص اويسي طريقي جا ڏسڻ ۾ ايندا. جيڪي نقشبندي خانقاهن ۾ ذڪر ڪندا ٿي رهيا ۽ پاڻ ئي ٿي ٻڌايائون تہ

Scanned by CamScanner

اسان جو پير مرشد فلاڻو ڪي فلاڻو بزرگ آهي. انهيءَ صورتحال موجب اِئين چئي سگهجي ٿو تہ اويسي دراصل ان شخص کي چيو ويندو آهي، جنهن غائب کان حقيقت حاصل ڪئي هجي - ۽ سالڪن جي اصطلاح جو مقصد بہ اهوئي آهي، جيئن حضرت اويس قرنيءَ جو مثال سڀ ڪنهن کي معلوم آهي. آءٌ ابوالحسن (محمد معين) هن رسالي جو مؤلف قسم ساک تي چوان ٿو تہ مون سورهڙيي نالي ڪوتيانہ جي علائقي ۾ هڪ شخص ڏٺو جيڪو سنڌ جو رهاڪو هو ۽ حج تي پئي ويو. هن ڪنهن لڳا مون کي ٻڌايو: "جيڪڏهن تون هڪ راز دل ۾ سانڍي رکڻ جي سگهہ سارينداو هجين تہ توسان کولي ظاهر ڪريان!" مون جڏهن کيس پڪ ڏياري تہ هن چيو: "ڪي سال اڳ مون کي سندن (پاڻ سڳورن جي) ملاقات جو اهڙو شوق اچي جاڳيو جنهن جي شدت کان ايتري قدر بيقرار ٿي پيس، جو ماڻهو تہ نہ ٿي وڻيا. پر ڪاڏو پيتو بہ زهر ٿي ويم. رڳو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن تي صلوات شريف پئي پڙهيم. ايئن پيو پانيان جڻ روح جي وندر ۽ وروٺهن ئي انهيءَ ۾ هئي. آخرڪار جواب ۾ حضور جن جو ديدار نصيب ٿيم. پاڻ ڪريمن مون کي ذڪر جي تلقين فرمائي، جيئن نقشبندي طريقي وارا ذڪر ڪندا آهن.[1]

سوال(٢) جو جواب:

اهلِ قبور (قبر وارن) وٽان فيض وٺڻ ۽ کانئن امداد طلبڻ شرعي توڙي عقلي طور جائز آهي. اهو اهم مسئلو مشائخ سڳورن جي احوال ۽ اقوال جي اعتماد جوڳي نقل موجب بلڪل برحق سمجهيو وڃي. ان سان گڏ صوفين جي نزديڪ پڻ ان کي اقراري ۽ اعتباري حيثيت حاصل آهي. جيئن تہ اهو مسئلو اهتمام لائق مسئلن ۾ شمار ٿئي ٿو ان ڪري بهتر ٿيندو تہ انهيءَ کي حديثن ۽ عالمن عارفن جي رهنمائيءَ جي روشنيءَ ۾ پوري تفصيل ۽ شرح سان بيان هيٺ آندو وڃي. ان لاءِ اختصار يا اجمال تي اڪتفا نہ ڪجي. هتي اول انهيءَ امر جي حاجت آهي تہ موت جي حقيقت بابت وضاحت ڪرڻ ۾ اچي. امام غزالي (٥٠٥هہ) "احياءُ العلوم" جي باب ستين ۾ موت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "موت" جي باري ۾ اجايا ۽ ڪوڙا وهم گمان قائم ڪري خطا جو

---

(١) رسالي ۾ اهو احوال حاشيہ طور اصل عبارت جي پاسي کان لکيل آهي (مترجم)

Scanned by CamScanner

ارتڪاب ڪيو ويو آهي. انهن جي چوڻ مطابق موت جيئن تہ عدم يعني نيستي ۽ نابوديءَ جو نالو آهي، تنهنڪري ان بابت حشر نشر جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. يعني اهو ممڪن ئي ناهي تہ انسان مري وري جيئرو ٿيندو نہ وري نيڪي ۽ بديءَ جي ڪا عاقبت (پڇاڙي) ۾ پڇا ڳاڇا ٿيڻي آهي. سندن خيال مطابق انسان جو موت بہ حيوان جي موت جيان آهي، جيڪو سُڪل وڻ وانگي سمجهيو وڃي. اهو مذهب (متو) اهڙن ملحد ماڻهن جو آهي، جن کي خدا ۽ آخرت تي ڪو ايمان ڪونهي.

ڪي چون ٿا تہ انسان مرڻ کان پوءِ قبر اندر داخل ٿي (متيءَ ۾ ملي مٽي ٿيڻ ڪري) وري حشر ۾ زنده ٿيڻ تائين اهنج، عذاب ۽ لطف توڙي لذت کان بيخبر ٿو رهي. ڪي وري چون ٿا تہ موت کان پوءِ ارواح باقي ٿا رهن ۽ سڀ عذاب ثواب انهن سان لاڳو ٿا رهن، انهن سان جسم جو ڪو واسطو نٿو رهي ۽ جسمن لاءِ حشر ۽ بعث (جيئرو ٿي اٿڻ) ڪا معنيٰ نٿو رکي. اهي سڀ وهم ۽ گمان، فاسد، باطل ۽ حقيقت کان بعيد (پرانهان) آهن، جن تي قرآني آيتون ۽ نبوي حديثون شاهد ۽ ناطق آهن. حقيقت ۾ موت حال جي تغير (بدلجڻ) جو روپ آهي،[1] ليڪن روح برابر باقي رهي ٿو جيڪو جسم کان جدا ٿيندي عذاب ۽ ثواب جي اوپڙ ۾ اچي ٿو وڃي. روح جو جسم کان جدا ٿيڻ جو مقصد اهو ئي آهي تہ هن جو ان سان ڪو بہ لاڳاپو نٿو رهي ۽ جسم، روح جي الڳ ٿي وڃڻ واري حالت ۾ ان جي وس کان نڪري ٿو وڃي. جسم جا عضوا روح لاءِ ڪل پرزن واري حيثيت رکن ٿا تہ جيئن اهو انهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪَتب آڻيندو ۽ انهن کان ڪم وٺندو رهي. روح، جسم جي عضون جي مدد سان ڪنهن بہ شيءِ تي حڪم هلائي يا قبضو ڪري سگهي ٿو. اهو ئي روح آهي، جيڪو ڪنن وسيلي ٻڌي ٿو اکين ذريعي ڏسي ٿو ۽ دل جي وسيلي سان شين جي اصليت معلوم ٿو ڪري. هتي جيئن تہ دل مان مراد روح يا روح مان مراد دل ئي آهي: اُن جي معنيٰ اها ٿيندي تہ اُهو پنهنجي نفس محابي سنئون سڌو هر شيءِ جي انت تائين رسائي ڪري ٿو ۽ ان جي آڌار تي دردناڪ بہ ٿئي ٿو تہ

(١) ڪنهن شاعر جي لفظن ۾: "زندگي عناصر جي ترتيب جو ظهور ۾ اچڻ ۽ موت انهن جزن جي ٽڙڻ پکڙڻ جو نالو آهي" (مترجم)

Scanned by CamScanner

خوشي بہ حاصل ڪندو ٿو رهي ۽ ان وٽان ئي هن کي رنج ۽ سرور (ڏک سُک) جو احساس ٿئي ٿو. اهو سڀ ڪي عضون جي لاڳاپي بدولت ٿيندو رهي ٿو. ان حالت ۾ روح جي وصف نفس سان ئي لاڳاپيل هوندي آهي.

جڏهن روح، جسم کان وڇڙي ٿو تہ ان کي عضون جي مدد وسيلي جيڪي حاصل پئي ٿيو يا سندس اختيار ۾ ٿي آيو، سو معطل ٿي علحده ٿي وڃي ٿو. اها صورتحال تيستائين رهندي، جيستائين وري روح جسم اندر داخل ٿيندو ۽ وري ساڳيءَ ريت سيئي ڳالهيون پنهنجي تحرڪ (چرپر) ۾ اچي ويندو. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ روح قبر ۾ وڃي وري جسم اندر داخل ٿئي ۽ قيامت تائين انهيءَ سان گڏ هجي. وڌيڪ رب پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو ۽ اهوئي پنهنجي حڪم موجب هر بندي کي هلائيندو ٿو رهي.

روح جي باقي رهڻ مان اها مراد آهي تہ اهو انسان ۾ درڪ رکندڙ يعني ڳولي لهندڙ ۽ ڄاڻ رکندڙ آهي: اهي ڳالهيون، جن کي علم، الم، غم، لذت ۽ فرحت چئجي ٿو. عضون ۾ جڏهن روح جو تصرف نٿو رهي، تڏهن بہ منجهس علم، شين جي ڳولا، الم، فرحت ۽ لذت جو درڪ رهي ٿو ۽ انسان انهيءَ معنيٰ ۾ مدرڪ آهي، جو علم، الم، لذت، فرحت ۽ غم کي محسوس ڪري ٿو ۽ موت جي صورت ۾ انسان کان اهو تصرف الڳ ٿي وڃي ٿو جنهن جو بدن سان ڪو لاڳاپو نٿو رهي. امام غزاليءَ جو بہ اهو چوڻ آهي تہ انهيءَ صورتحال جي ڪري عضون کي روح جون ڪلون ڪوٺجي ٿو: يعني انسان جا عضوا روح لاءِ ڪلن پرزن جي حيثيت رکن ٿا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ موت اها شيءِ آهي، جنهن جي وارد ٿيڻ سان عضوا روح جا مطيع (حڪمبردار) نٿا رهن، جيستائين روح وري جسم اندر داخل نٿو ٿئي. ليڪن ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ روح شين جي ڄاڻ نہ رکندو، ماڻهن کي نہ سڃاڻندو، غم ۽ اوندهہ ۾ نہ رهندو يا لذت ۽ فرحت کان محروم ٿي ويندو. هاڻي معلوم ٿيو تہ قبر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ روح، جسم اندر واپس آيو تہ ان ۾ علمن جي ادراڪ جا سيئي تصرف بہ موجود ٿي ويندا، جن جو موت کان اڳ ساڻس تعلق رهندو ٿي آيو. ان تصرف يا تصرفات جي وسيلي انسان ڪنن سان ٻڌندو ۽ اکين سان ڏسي سگهندو. ڪن کي قبر ۾ علم، الم، فرحت ۽ لذت وغيره جو درڪ ملي ٿو جڏهن ٻيهر سندن جسم (جسد

Scanned by CamScanner

– مڙهيا) ۾ روح داخل ٿو ٿئي. پر ذڪر ڪيل ڳالهين جو تعلق مجموعي طور صرف بدن سان رهندو ۽ جزوي طرح انهن جو هر هڪ عضوي سان الڳ صورت ۾ ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو. انهيءَ حالت ۾ سنئين سڌي نموني ڪنن سان ٻڌڻ يا اکين سان ڏسڻ جو امڪان نہ ٿي سگهندو نہ وري علم، الم، فرحت ۽ لذت جو بہ ڪو درڪ ٿيندو. ٻئي پاسي اُهي تصرفات، جن جو موت کان پوءِ بدن سان تعلق هوندو سي بعض (ڪن) لاءِ مخصوص هوندا.

شيخ اجل حافظ احمد بن خطيب قسطلاني "مواهب اللّدنيہ" ۾ فرمائي ٿو تہ جڏهن اهو درست سمجهيو وڃي تہ موت عالم ۾ موت ٿين ٿا، تڏهن اهو بہ درست هئڻ کپي تہ اهي سامع (ٻڌندڙ) هجن، جن کي ٻڌڻ وارا ڪن بہ هوندا. ان وقت جڏهن سندن روح سڄي بدن يا ان جي ڪنهن حصي سان لاڳو ٿين ٿا، جيئن اڪثر اهل سنت والجماعت جو چوڻ آهي".[1]

پر جيڪڏهن هنن ڪنن مان مراد سندن قلب ۽ روح آهي تہ پوءِ سڄو مسئلو روح سان لاڳاپيل سمجهڻ گهرجي، ان جو بدن سان ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو. انهيءَ معاملي جو تعلق بہ بعض (ڪن) سان تصور ڪرڻ ۾ ايندو.

ان جي برعڪس جيڪڏهن روح جو بدن ڏانهن لاڙو اسرافيل جي صور ڦوڪڻ تائين دائمي نوعيت وارو هوندو يا وري ڪنهن سوال جي جواب کان پوءِ وڃڙي وري اهو روح واپس اچي بدن سان گڏبو تہ اها ڳالهہ الڳ ليکي ويندي. خاتم المحدثين شيخ جلال الدين سيوطي "شرح الصدور في احوال الموتىٰ والقبور" ۾ شيخ اجل علامہ علي بن عبدالڪافي سبڪيءَ کان نقل ٿو ڪري تہ: مُئي کان پوءِ قبر ۾ روح جو بدن سان لاڳو ٿيڻ ثابت ٿي چڪو آهي.[2]

صحيح حديثن جي روشنيءَ ۾ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مؤمنن توڙي شهيدن کان اهڙي قسم جي پهچ يا نظر امڪان کان پرتي نہ آهي، مگر روح جو بدن سان دائمي طرح لاڳاپيل رهڻ، جيئن ان جي جيئري دنيا ۾ هو يا بدن جو روح کان سواءِ جيئري جاڳندي صورت ۾ هئڻ، اها نرالي ڳالهہ ٿيندي – ان لاءِ جو روح ۽ حياتيءَ جو پاڻ ۾ لازم ملزوم هئڻ، امر عادي سان واسطو رکي ٿو ۽ اهو عقلي ٿي نٿو سگهي. يعني عقل تجويز ڪري ٿو

---

(۱) حافظ شهاب الدين احمد بن محمد قسطلاني، ۸۵۱–۹۲۳ هـ

(۲) شيخ جلال الدين سيوطي شافعي متوفي ۹۱۱هـ

Scanned by CamScanner

تہ خدا ڪنهن کي حياتي بخشي ۽ جياپي جا سڀئي اوصاف بہ جيئن جو تيئن انهيءَ مان پڌرا ٿين، پر ان ۾ روح جو ڪو بہ عمل دخل نہ هجي. ليڪن جيئن تہ امر عادي خدا کان جاري ٿيل آهي تہ حياتي بنا روح جي نہ هجي، انهيءَ حالت ۾ عقل واري تجويز محال آهي.

انهيءَ کان پوءِ اهو سوال آڏو ٿو اچي تہ قبر ۾ روح جو بدن سان لاڳو ٿيڻ تہ ثابت ٿئي ٿو پر ڇا اهو استمراري (دائمي) آهي، جيئن دنيا جي حياتيءَ دوران هو يا وري جيئن عقل تجويز ٿو ڪري تيئن هوندو!

اهو سڀ ڪجھ جيڪڏهن حديثن مان ثابت ٿئي ۽ عالم سڳورا ان جي تصديق لاءِ گواهي ڏين تہ ڳالھ مڃڻ جوڳي ٿيندي، جيئن حديثن ۾ آيل آهي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي قبر اندر نماز پڙهندي ڏٺو ويو حالانڪ نماز جي تقاضا جيئري بدن سان تعلق رکي ٿي يا وري ليلتہ الاسريٰ (معراج واري رات) جو بيان، جنهن جو واسطو نبين سڳورن ۽ خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جن جي ذات اعليٰ سان آهي.

مطلب تہ اهي سڀ صفتون اجسام (جسمن) ۽ اجساد (بدنن) جون آهن، انهن مان قبر ۾ حيات هجڻ جو لازمي مقصد نٿو نڪري، جيئن دنيا جي حياتيءَ ۾ کاڌي پيتي ۽ موت وغيره جو احتياج رهي ٿو تہ اهي سموريون صفتون اجسام (جسمن) جون آهن، جيڪي دنيا اندر ڏسجن ٿيون، ليڪن قبر ۾ داخل ٿيل بدن جي ڳالھ ٻي آهي. ٻئي طرف ان جي علم ۽ سمع (ڄاڻڻ ۽ ٻڌڻ) واري درڪ بابت بہ ڪو شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي، جيڪو نبين سڳورن ۽ ٻين جو موت درحق ثابت ٿيل آهي. هن بابت امام سبڪيءَ جيڪي چيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ روح جو جسم سان لاڳو ٿيڻ وارو قول بلڪل صحيح آهي، اهڙيءَ طرح بدن ۾ روح جو دائمي طور رهڻ ۽ بدن جو روح سان گڏ زنده هئڻ (جيئن دنيا جي حياتيءَ ۾ ٿيندو آهي) بہ درست سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ قول کي ڪي صوفي الم پڻ اختيار ڪري چڪا آهن.[١]

حضرت شيخ محي الدين ابي عربي[٢] "فتوحات مڪيہ" جي باب ٽيهتر(73) ۾ جنهن "صور برزخيہ" جو بيان ٿو ڪري، تنهن مان مراد اهي

(١) علامہ علي بن عبدالڪافي السبڪي متوفي ٧٥٦هہ.

(٢) شيخ محي الدين ابن عربي، ولادت: ٥٦١ هہ وفات ٦٣٧ هہ

Scanned by CamScanner

اجسام ۽اجساد (بدن ۽ جسم) آهن، جن جو لاڳاپو قبر سان هجي. انهن جو مثال روح جي موجودگيءَ ۾ ٻرندڙ ڏيئي وارو آهي، جيڪو صور ۾ رهي ٿو ۽ جڏهن اسرافيل پنهنجو صور[۱] ڦوڪيندو تہ جيئن برزخ وارو صور پرجي ۽ سيئي ارواح اوڏانهن رجوع ٿين يعني برزخ ۾رهيل ارواح نروار ٿي اسرافيل واري صور ڏانهن وڃن، تڏهن روح سان لاڳاپيل اجساد ۽ اجسام ڏيئي وانگي گل ٿي (اجهامي) ويندا. ان سمي الاهي آواز جو پڙاڏو چوندو "لمن الملڪ اليوم" (اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟) پر ان جو ڪو بہ جواب نہ ايندو.

وري جڏهن اسرافيل ٻيهر صور ڦوڪيندو تہ صورتون روح سان رلجي ڏِڪَ ڏينديون. اِن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ عالم برزخ ۾ روح اسرافيل جي صور ڦوڪڻ تائين اجساد سان لاڳاپيل هوندو ۽ انهن جو زنده رهڻ بہ يقيني لڳي ٿو. اهو ايستائين جو اهي صور اسرافيل سان بہ نہ مرندا، جيستائين ڪِ الاهي آواز جو پڙاڏو "من الملڪ اليوم" نہ پوندو. هتي اهو ياد رهي تہ پڙاڏو جي وراڻي نہ اچڻ جي حالت ۾ ان جو زوال يا اطفاءَ (ڏيئي وانگر گل ٿيڻ يا اجهامڻ) درست نہ مڃيو ويندو.

اهي حديثون جيڪي ان ڳالهہ تي دلالت ڪن ٿيون تہ مُئن کي گهٽ وڌائيءَ سان (حيثيت ۽ حالت مطابق) علم ۽ درڪ ٿئي ٿو جيئن "شرح الصدور". يا خود حديثن جي ڪتابن ۾ درج ٿيل آهي، تنهن ۾ بہ شڪ ناهي تہ ڪن جي لاءِ ايئن نٿو ٿئي". ان بابت بيهقي[۲] بہ "الشعب" ۾ حضرت ابو هريره رضا[۳] کان هڪ نقل ٿو ڪري تہ حضور جن فرمايو آهي تہ: جيڪو شخص ڪنهن ڄاتل سڃاتل ماڻهوءَ جي قبر وٽان لنگهندي ان کي سلام ڪندو تہ قبر وارو پڻ ان کي سڃاڻي سندس سلام جو جواب ڏيندو. ان جو مطلب تہ ميت جو حال، سڃاڻپ جي لحاظ کان ساڳيو ئي هوندو ، جيڪو کيس دنيا جي حياتيءَ دوران حاصل هو.

ابن عبدالله[۴] "استدراڪات والتمهيد" ۾ حضرت ابن عباس

---

(۱) پوروسنگ، جيڪو ڦوڪ سان هوا ڇڏيندو آهي.

(۲) امام بيهقي، ڪتاب "الشعب الايمان".

(۳) حضرت ابو هريره، متوفي ۵۷ هہ.

(۴) حافظ ابوعمر بن عبدالله مالڪي متوفي ۴۶۳هہ، ڏسو تعليقات: علامہ آلوسي.

رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت ٿو ڪري تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو: اهڙو ڪو بہ ماڻهو نہ ٿو سُجهي، جيڪو پنهنجي ڪنهن مرهيات ياءُ جي قبر وٽان لنگهندي سلام ڪري ۽ اهو ڪيس جواب نہ ڏئي: انهيءَ شرط سان تہ مرهيات دنيا ۾ ڪيس سڃاڻندو هو ۽ سلام ڪان پوءِ بہ ان کي سڃاڻي جواب ڏيندو. اهڙي قسم جون ٻيون حديثون پڻ نقل ٿيل آهن، جن جو مقصد بہ ساڳيو آهي تہ دنيا ۾ سڃاتل شخص جي قبر وٽان متيندي يا لنگهندي جيڪڏهن سلام ڪيو ويندو تہ ان جو ضرور جواب ملندو (ضروري ناهي تہ اهو جواب سلام ورارو ٻڌي). ان سان گڏ ابن ابي الدنيا، "ڪتاب القبور" ۾ ۽ الصابوني "مائتين" ۾ حضرت ابو هريره رضہ کان روايت ڪئي آهي، جنهن جو مفهوم بہ اهو ئي آڻڙي ٿو. اهي حديثون، انهن حديثن سان ملن ٿيون، جن جو سيوطي رحمتہ الله عليہ پنهنجي ڪتاب "شرح الصدور" ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهڙيون ٻيون بہ حديثون آهن، جن مان هڪ هيءَ آهي تہ:

"عالم برزخ ۾ نئين ميت جي روح پهچڻ کان پوءِ ڪيئي اڳيان روح اچي اُن کي ورائي ويندا آهن تہ ڪر خبر: فلاڻي شادي ڪئي يا نہ؟ يا وري ڪانئس اهو پڇندا تہ: ڀلا فلاڻو مري ويو يا اڃا جيئرو آهي؟ جيڪڏهن ڪين جواب مليو تہ اهو شخص ڪڏهوڪو مري ويو تہ افسوس ڪندي چوندا: ان کي پنهنجي ماءُ ڏانهن جهنم اماڻيو ويو جيئن اتي پنهنجي ماءُ ۽ مائٽن سان وڃي رهي. اهو ان ڪري چوندا، جو جڏهن نهاريندا تہ انهيءَ ميت جو روح مؤمنن سان گڏ عالم برزخ ۾ ناهي تہ اهو جهنم رسيد ٿيو هوندو، جنهن کان رب پاڪ سڀ کي پناهہ ۾ رکي".

حديثن ۾ ان سان گڏ اهو ذڪر بہ آيل آهي تہ عالم برزخ ۾ جڏهن ڪو نئون روح پهچندو آهي تہ پراڻا روح ان وٽ ايڏو ميڙاڪو اچي ڪندا آهن، جو انهن مان ڪي هڪ ٻئي کي چوندا آهن: ويچاري کي گهڙي پل ڪا ساهي پٽڻ تہ ڏيو. هيءُ اڃا تازو موت جي ڪڙاڻ چکي اچي هت پهتو آهي.

اهي سڀ حديثون "شرح الصدور" ۽ امام غزاليءَ جي "احياءُ العلوم" ۾ موجود آهن ۽ "تذڪره قرطبي" ۾ بہ هونديون. سڀئي انهيءَ حقيقت تي دلالت ڪن ٿيون تہ موت، عدم (نيستيءَ) جو نالو ناهي،

Scanned by CamScanner

پر اهو هڪ حال کان ٻئي حال ۾ تبديل ٿيڻ سان تعلق رکي ٿو.

اهي مڙئي اهڃاڻ نبين سڳورن کان علاوه عامين جي بدنن جي بقاءَ تي دلالت ڪن ٿا: جيئن ڪتاب "شرح الصدور" ۾ آيل آهي ته: حضرت جبير رضي الله تعاليٰ عنه ٻڌائي ٿو ته: مون پنهنجي هٿن سان ثابت بنانيءَ کي قبر ۾ داخل ڪيو (دفنايو). جڏهن مٿس سرون ٿي ناهي رکيم ته اوچتي هڪڙي سر ٽڙي اچي منهنجي مٿان پئي. اچا جو نظر ڪريان ته اندر ثابت کي نماز پڙهندي ڏٺم. هن دعا ٿي گهري ته خدايا! تون جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي کي رتبو عطا ڪرين ته هو قبر ۾ نماز پڙهي ته اها ٻاجهه مون تي به ڪر ۽ بيشڪ خدا ڪنهن جي دعا رد نه ڪندو آهي.

ان کان سواءِ به ڪيئي اهڙيون حديثون لڀن ٿيون، جن ۾ قبر اندر ميت جي قرئت جو ذڪر ڪيل آهي، جهڙيءَ طرح سيوطي، ترمذي ۽ بيهقي، حصرت ابن عباس کان روايت ڪن ٿا ته هڪ ڀيري اصحابن مان ڪنهن ڀل ۾ وڃي اهڙي هنڌ خيمو کوڙيو جتي ميت پوريل هو. اوچتو محسوس ڪيائين ته هتي قبر آهي، جنهن ۾ هڪ شخص سورت تبارڪ پڙهي رهيو هو. جڏهن انهيءَ سورت تبارڪ پڙهي پوري ڪئي ته اصحابيءَ اچي حضور جن وٽ حاضر ٿي ڀيرائتي ڳالهه ڪئي. جنهن تي پاڻ ڪريمن فرمايو: اها ئي سورت آهي، جيڪا ميت کي قبر جي عذاب کان بچائي سگهي ٿي.

ابو قاسم سعدي "ڪتاب الروح" ۾ ان بابت ڄاڻائي ٿو ته اها حضور ﷺ جن ڀاران ڄڻ هڪ تصديق هئي ته ميت برابر قبر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ قرآن حڪيم جي تلاوت ڪري سگهن ٿا.

حافظ زين العابدين بن رجب، ڪتاب "احوال القبور" ۾ لکيو آهي ته ڪڏهن خدا اهل برزخ مان ڪن کي عالم برزخ ۾ عمل صالح جي ڪرامت عطا ڪري ٿو جيتوڻيڪ ان مان ڪين ڪو به ثواب حاصل نٿوٿئي، ڇاڪاڻ ته موت کان پوءِ عمل جو سلسلو منقطع ٿي ويندو آهي. تڏهن به انهن جا عمل صالح باقي رهن ٿا، جيئن خدا جي ذڪر ۽ اطاعت جي حلاوت ۽ لذت کان بهره اندوز ٿيندا رهن ۽ ملائڪن سان گڏ جنت وارا به جنت ۾ انهيءَ مان مزو ماڻين -- اهو ان لاءِ ته خدا جو ذڪر ۽ اطاعت (يادگيري ۽ تابعداري) دنيا جي سيني نعمتن ۽ لذتن کان افضل ٿئي ٿي.

Scanned by CamScanner

حديثن جا اهي آثار ۽ احوال جيڪي الم نشرح آهن، بدنن/ جسمن (ابدان/اجساد) جي بقا سان گڏ بدن سان روح جي لاڳو ٿيڻ ۽ عالم برزخ ۾ دائمي طور بدن ۽ روح جي لاڳاپي تي دلالت ڪن ٿا. انهن مان اهي ثبوت پڻ ملن ٿا ته ميت ۾ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي قوت به موجود رهي ٿي، جيئن دنيا جي حياتيءَ ۾ هوندي آهي، سواءِ بشري صفتن جي، جهڙوڪ: کائڻ پيئڻ وغيره. پر ڪن عالمن وري مرڻ وارن جي سماع (ٻڌڻ) کان انڪار ڪندي، پنهنجا دليل پيش ڪيا آهن.

هن باري ۾ ڄاڻڻ گهرجي ته:

اهلِ سنت والجماعت جو خيال آهي ته اولياءَ ڪرام اسرافيل جي صور ڦوڪڻ واري عرصي تائين باقي هوندا ۽ هن وقت به ولايت ۾ موجود آهن. پر معتزله ۽ حشويه انهن جي وجود کان انڪاري آهن.

انهيءَ بابت اهل قليب واري حديث جي حوالي سان حضرت عائشه رضہ سڳوريءَ[1] ڏانهن اشارو ڪيل آهي ته پاڻ ان موقعي تي پنهنجي غير موجودگيءَ سبب ان حديث جي صحت کان انڪار ڪيو هئائين. انهيءَ حديث جو تت هن ريت آهي:[2]

حضور جن غزوه بدر کان پوءِ کوهه ۾ اُڇلايل ابو جهل، عتبه بن ربيعه ۽ ٻين مڙهن کي، جيڪي ظالمن جا سرخيل هئا، مخاطب ٿيندي فرمايو ته "اي کوهه وارؤ؟ اوهان منهنجي تڪذيب ڪئي ۽ ٻيا منهنجي تصديق ڪندا رهيا." ان تي حضرت عمر چوڻ لڳو: "يا رسول الله صلعم! اوهان هنن سان ڪيئن ٿا ڳالهايو؟ انهن ۾ ته روح ئي نه آهي." پاڻ فرمايائون ته "اوهان هنن کان وڌيڪ نه ٿا ٻڌي سگهو هنن ۾ جواب ڏيڻ جي سگهه ڪانهي."

قسطلاني "مواهب لدنيه" ۾ اسمعي کان روايت ٿو ڪري ته حضرت عائشه رضہ ان حديث بابت جيڪي چيو آهي، تنهن مان ميت جي ٻڌڻ جو انڪار ثابت ٿو ٿئي ۽ انهيءَ مان سندس قول ۽ هن حديث وچ ۾ ڪو به فرق محسوس ڪرڻ ۾ نه ٿو اچي، نه وري ان آيت لا تسمع الموتيٰ (ميت نٿا

(١) عائشه صديقه (م ٥٧ هه) غزوه بدر

(٢) ڏسو تعليقات

Scanned by CamScanner

ٻڌن) ۽ پاڻ ڪريم جن جي قول "وما انت بسمع من في القبور" (تون قبر وارن کي ڪجھ ٻڌائي نٿو سگھين) جو ڪو دليل ملي ٿو نہ وري حضورﷺ جن وٽان لازمي طور ميت جي سماع (ٻڌڻ) جي ڪا نفي ٿئي ٿي. حقيقت هيءَ آهي تہ ميت کان سڀ ڪجھ خدا ٻُڌرائي ٿو نڪي خدا جو رسول ٿو ٻُڌرائي يعني ميت کان خدا جو رسول نہ. پر پاڻ خدا ٿو سڀ ڪجھ ٻڌارائي ـ ۽ اها معنيٰ منافات (هڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) واري زمري ۾ نٿي اچي سگھي: انهيءَ مسئلي سان تہ ميت ٻڌن ٿا.

امام ابن الهام ميت جي نہ ٻڌڻ واري مسئلي کي اڪثر حنفي بزرگن جي مذهب سان منسوب ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ "ڪتاب الايمان" ۾ بعض فروع انهيءَ مذهب جي ڪري پيدا ٿين ٿا ۽ اهي بزرگ جيڪي ڪجھ چون ٿا, سو حديث مسلم سان ٺهڪي نٿو اچي: جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ميت قبر ۾ دفن ٿيڻ کان پوءِ دفنائڻ وارن جي پيرن جو آواز ٻڌي ٿو جڏهن اهي سندس قبر وٽان واپس ٿيڻ لڳن ٿا ۽ پيو تہ ميت (سلام جو) پڻ جواب ڏيندو آهي.

پر آءُ ٿو چوان تہ اڪثر حديثن جي مشائخن جي اها حجت ايڏي اهم نہ آهي, جو ان جي موجودگيءَ ۾ ميت جي سلام واري رد بابت ڪجھ ثابت ٿي سگھي. انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهلِ سنت والجماعت مان ڪنهن بہ هڪ شخص کي ميت جي علم ۽ درڪ ۾ ڪو اختلاف نہ آهي, جي ايئن برابر آهي تہ پوءِ ڇا اهو صحيح نہ آهي تہ خدا ميت کي سلام جي وقت اها چاڻ ۽ اهو علم عطا ڪري تہ هو ان جي وراٽي ڏئي سگھي؟

حديثن ۾ ميت جي سلام بابت جيڪي ٻڌايل آهي, اُن جي لاءِ معلوم هئڻ گھرجي تہ ميت قبر ۾ جو ڪجھ بہ ڪن ٿا, سو بلڪل درست سمجھيو وڃي: ايتري حد تائين جو انهن جو آواز ڪڏهن جيئرا بہ ٻڌن ٿا ۽ ميت بہ انهن جو ڳالھائڻ جيئرن وانگي ٻڌي ٿا سگھن. جيئن هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ هڪڙي اصحابيءَ ڪنهن ميت کي قبر ۾ سُورت تبارڪ جي تلاوت ڪندي ڏٺو ۽ جڏهن حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وٽ وڃي اها ڳالھ ڪيائين تہ پاڻ بہ ان جي تصديق فرمايائون.

اهڙي قسم جا بيان زيد بن خارجہ ۽ مسعود بن جراش بابت پڻ

Scanned by CamScanner

اچي رهيا آهن. جيڪي منافات ۾ نه هوندا، انهن مسئلن سان جيڪي اڳوات حديثن مان پڌرا ڪيا ويا آهن. ان لاءِ ٿوري تحمل (ڌيرج) جي ضرورت پوندي ته اهو خاص حڪم اهلِ قليب جي باري ۾ آهي يا سلام واري جواب جي رد ۾، ته اهو هر ڪو ٻُڌي سگهي ٿو يا انهيءَ لاءِ فرد ۽ وقت جي ڪا تخصيص ضروري ٿئي ٿي. ان نبيري لاءِ ايستائين ڍر ڏيڻ گهرجي، جيستائين هن حديث ۽ ان جي آثار بابت جيڪي گهٽائيءَ جي صورت ۾ منجهس ثابت ٿيل آهن جهڙوڪ: قبر وارن جو ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ (تڪلم وسماع) ميت جو علم وغيره سڀ هيڪاندا ٿي وڃن. پوءِ انهن مان ڪن جو هتي ذڪر ڪرڻ ۾ ايندو.

شيخ جلال الدين سيوطي 'شرح الصدور' ۾ ابو نعيم ۽ ابن ابي الدينا جي حوالي سان اسماعيل بن خالد جي دلائل ۾ بيان ڪيو آهي ته هن ڪيس اچي چيو ته يزيڊ بن نعمان ابن بشير اسان وٽ آيو هو جنهن اسان کي ستوهه پريو ته اسان توکي زيد بن خارج جي وفات جو قصو پيرائتي نموني لکي موڪليون. اجهو اهو قصو هن ريت آهي:

زيد بن خارج وفات ڪان پوءِ ماٺهن جي ميڙ ۾ ڏاڍي ڳالهايو هو، جنهن مان ڪجهه هن طرح آهي ته هن چيو:

احمد صلي الله عليه وسلم، خدا جو رسول آهي، اي خدا جا رسول صلعم! توتي سلام رحمتون ۽ برڪتون هجن!

وري چوڻ لڳو:

ابوبڪر صديق ۽ امين، خدا جي رسول جو جانشين، بدن ۾ ضعيف هوندي به خدا جي راهه ۾ طاقتور ۽ سچو سارو سچار!

شيخ اجل ڪلابادي 'لطائف الصوفيه في الموت وبعده' ۾ ابو علي بن حسين بن اسماعيل جي سند سان لکي ٿو ته: مون کي نضر بن احمد بغداديءَ وٽان، ان کي وليد بن شجاع اسڪونيءَ کان، انهيءَ کي خالد وٽان، ان کي نافع اشعريءَ کان، انهيءَ کي حفص بن يزيد بن مسعود بن جراش کان حديث ملي ته:

'مسعود بن جراش پنهنجي حياتيءَ ۾ قسم کنيو هو ته جيستائين ڪيس بهشت يا دوزخ ۾ وڃڻ جي پڪي خبرچار نه پوندي، تيستائين پاڻ ڪڏهن به

Scanned by CamScanner

ڪو نہ ڪلندو. ان ڪان پوءِ ڪيتري عرصي تائين ڪنهن بہ ان کي ڪلندي ڪو نہ ڏٺو. آخر جڏهن هو (مسعود بن جراش) مري ويو تہ ماڻهو اچي مڙيا. رواج موجب سندس اکيون بوٽي مٿس چادرون وڌائون. پوءِ ڪنهن کي قبر کوٽڻ لاءِ تہ ڪنهن کي ڪفن وٺي اچڻ واسطي روانو ڪيو ويو. جڏهن پوري تياري ٿي چڪي تہ مسعود جو ڀاءُ ربيع بن جراش چوڻ لڳو:

'خدا رحمت ڪري منهنجي ڀاءُ تي، هي اسان کان وڌيڪ جوڙ متارو نيڪ ۽ روزي نماز جو پابند هو.'

ائين ڪندي ماڻهو سندس ميت جي چوڌاري اچي ويٺا ۽ منهن ڏسڻ لاءِ جيئن چادر هٽايائون تہ مسعود (فوتي) ماڻهن ڏانهن منهن ڪري کلڻ لڳو. ان تان سندس ڀاءُ ربيع کانئس پڇيو: منهنجا ڀاءُ! ڇا موت کان پوءِ بہ حياتي ٿئي ٿي؟ مسعود وراڻيو- "بليٰ (هائو) آءُ پنهنجي رب سان ملي چڪو آهيان ۽ حق سبحانه و تعاليٰ مون سان ڏاڍو پيار پاڀوهہ واري انداز ۾ بنا ڪاوڙ وغيره جي مليو. جنهن مون کي جنت جو لباس "سندس"[۱] پهرايو ۽ اهو بہ سچ آهي تہ اڳيان خود حضور اڪرم صلي الله عليه وآله جن جنازي نماز پڙهائڻ لاءِ منهنجا منتظر آهن. انهيءَ عجيب واقعي جي تصديق حضرت عائشہ صديقہ وٽان پڻ ملي ٿي، جنهن فرمايو هو تہ مون خدا جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم کان ٻڌو هو تہ مون کان پوءِ منهنجي امت مان ڪو شخص ميت جي صورت ۾ ڳالهائيندو. جيڪو تابعين مان هوندو.

امام يافعي 'روضته الرياحين' ۾ بعض صالحين کان نقل ٿو ڪري تہ: 'مون ڪنهن مري ويل شخص لاءِ قبر پٽي کوٽي، جڏهن لحد (سامي) پٽي تيار ڪيم تہ هڪڙي سر اچي هيٺ ڪري، جيڪا پر واري قبر جي هئي. مون ليئو پائي ڏٺو تہ مون کي اچي پوشاڪ سان هڪ شخص نظر آيو جنهن وٽ سونهري اکرن ۾ لکيل قرآن مجيد موجود هو. هن اهو قرآن ٿي پڙهيو ۽ عادت موجب لُڏي رهيو هو. ائين ڪندي ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريائين ۽ پڇڻ لڳو: ڇا قيامت اچي وئي؟ مون نهڪر ڪئي تہ چيائين: چڱو هاڻ اها ڪريل

---

(۱) سُندس لاءِ ڏسو تعليقات

Scanned by CamScanner

سر ورائي ساڳئي هنڌ رکي ڇڏ! مون اها سر کڻي انهيءَ هنڌ تي رکي'.

'شرح الصدور' ۾ هڪڙي حڪايت ڪنهن فقير کان ٻڌي درج ڪيل آهي، جيڪا هن هڪ شخص وٽان نقل ڪئي هئي ته: مون آفريڪا جي بيابان ۾ هڪ ڇيروءَ سان بدفعل ڪرڻ تي چاهيو جنهن تي هن چيو خدا جو سُنهن آءٌ' گناهه ڪرڻ نٿو چاهيان. پر مون ڪارو منهن ڪري ورتو. اهو هنڌ اجهو هي آهي. انهيءَ هنڌان زمين چيرجي پئي ۽ ميت منهن ڪيڍي مون کي هبي تبي ڪئي ته توکي خدا کان شرم نٿو اچي!

'رسالہ قشيريہ' ۾ شيخ ابو سعيد خزاز جي سند سان آيل آهي: آءٌ هڪ دفعي مديني ۾ هوس، مون کي حضور جي دروازي تي هڪ شخص جي شڪل نظر آئي، جيڪو مري ويل هو. هن مرڪندي مون کي چيو: اي ابو سعيد. توکي ڪا ڄاڻ آهي ته خدا جا پيارا جيئرا هوندا آهن. جيتوڻيڪ اهي مري ٿا وڃن. انهن جو حال ائين آهي، جو هڪ گهر کان ٻئي گهر هليا وڃن ٿا.

ايترين حديثن، اهڃاڻن ۽ ٻين بيانن جو خاص مقصد اهو ئي آهي ته موت جو مطلب ناچيز ٿيڻ نه آهي: اهو هڪ حال کان ٻئي حال تائين تبديل ٿيڻ سان تعلق رکي ٿو جيئن هن کان اڳ به ٻڌايو ويو آهي.

انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو ۽ صاف ظاهر به آهي ته ميت جي باري ۾ اختلاف توڙي اتفاق سان سندس ڳالهائڻ، ٻڌڻ، علم ۽ بقايا ٻين صفتن متعلق جيڪي به ڳالهيون اچي چڪيون آهن، ان کان ڪلي طور انڪار نه ڪرڻ کپي، ٻيءَ صورت ۾ جيڪڏهن ائين ڪرڻ ۾ آيو ته (نعوذ بالله) سموريون حديثون، آثار ۽ حوالن سميت رد ٿي وينديون.

ڀلا جڏهن حقيقت ان حد تائين هجي ته اهي تصرفات، جيڪي دنيا جي حياتيءَ ۾ ڪنهن کي حاصل هئا، سي موت کان پوءِ به ڪيس حاصل هئڻ تسليم ڪيا ويندا ته پوءِ اهل ڪمال ڇالاءِ موت کان پوءِ ٻين کي ارشاد نه ڪن ۽ ڪين ڪو فيض نه رسائين؟ ان صورت ۾ جڏهن ظاهري علم ۽ باطني عارف هوندن به فيض ۽ فضل جي پالوٽ ڪندا رهن ٿا.

شيخ علي قادري [1] شرح مشڪوات جي باب 'زيارت قبور' ۾ فرمائي ٿو:

---

(١) ملا علي بن قاري الحنفي، متوفي ١٠١۴هه

Scanned by CamScanner

امام نووي قبرن جي زيارت کي مختلف قسمن ۾ ورهايو آهي. اها زيارت، جيڪا ڪنهن مجرد مذڪر ميت سان تعلق رکي ٿي يا قبرن اندر اجتماعي طور دفن ٿيل اهڙن مسلمانن ۽ ڪافرن جي زيارت، جن جي سڃاڻپ ممڪن نه هجي، يا اها زيارت، جيڪا موت وارن جي زيارت ۽ استغفار لاءِ هجي يا وري اها زيارت، جيڪا قبر وارن کان برڪت جي طلب واسطي ڪئي وڃي، جيڪي اهل خير ۽ صالح بندا هجن. اهي اولياءَ ۽ صالح بندا، جن کي عالم برزخ ۾ حساب ڪرڻ کان زياده تصرفات ۽ برڪات جو رتبو مليل هجي ۽ اهي جيڪا مدد ڪن، تنهن جو به ڪو ڪاٿو نه هجي. هن بابت شيخ عبدالحق دهلوي چوي ٿو (جنهن کان پوءِ ڪجهه چوڻ جي گنجائش نه هئڻ کپي) ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي مزار کان علاوه ڪنهن ٻئي جي قبر کان مدد گهرڻ لاءِ بعض فقيهن انڪار ڪندي چيو آهي، انهن لاءِ دعا ۽ استغفار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به طلب نه ڪيو وڃي. ان کي صوفي ۽ فقيهه پوريءَ ريت ثابت ڪري چڪا آهن. ٻئي طرف اِهل ڪشف ۽ ڪمال لاءِ جيڪو امر مقرر آهي، تنهن ۾ ڪو به شڪ شبهو ناهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي صوفي، بزرگ ارواح وٽان فيض حاصل ڪندا رهيا آهن ۽ سندس اصطلاح ۾ انهيءَ طائفي کي 'اويسي' ڪوٺيو وڃي ٿو.

امام شافعي رحمته الله عليه چيو آهي: حضرت موسيٰ ڪاظم جي قبر ترياق مجرب جو تاثير رکي ٿي، جتي هر ڪا دعا قبوليت حاصل ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح حجته الاسلام امام غزالي به ائين چوي ٿو ته جيڪو به جنهن وٽان، ان جي حياتيءَ ۾ مدد گهري ٿو ان کان مُئي پڇاڻان پڻ مدد ورتي وڃي ٿي.

شيخ ابوالحمين قريشيءَ جو قول آهي ته مون اهڙا چار بزرگ ڏٺا آهن، جيڪي قبر ۾ تصرف ڪندا ٿي رهيا، ائين ئي جيئن پنهنجي حياتيءَ ۾ تصرف ڪندا هئا. انهن بزرگن مان هڪ شيخ معروف ڪرخي، ٻيو حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني، ٽيون شيخ عقيل بلخي ۽ چوٿون شيخ حيات بن قيس الجمراني.

'ڪتاب الحڪم' جي شارح سيد احمد بن زروق مغربي (جيڪو وڏن فقيهن ۽ صوفين ۾ شمار ٿئي ٿو) جو چوڻ آهي ته: شيخ ابو العباس

Scanned by CamScanner

خضرمي هڪ ڏينهن مون کان پڇيو: اوهان جي خيال ۾ امداد جيئري جي وڌيڪ يا مُئي جي؟ مون جواب ڏنو: عام طرح چوڻ ۾ اچي ٿو تہ جيئرن جي امداد وڌيڪ اهم آهي، پر آءٌ ٿو چوان تہ مُئن جي امداد اُن کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي. ان تي پاڻ چيائين تہ بيشڪ اها ڳالهہ مڃڻ لائق ۽ بلڪل حقي آهي. انهيءَ طائفي طرفان هن باري ۾ تہ ڪيئي نقل موجود آهن. پر انهن کي ڪنهن جاکوڙ يا ڇنڊڇاڻ کان پوءِ ڪتاب سنت ۽ سلف جي اقوال ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. اهي نقل اثين ورجائڻ کپن. جيئن منافات ۾ نہ اچن.

دين ۾ بہ تحقيق سان ثابت ٿي چڪو آهي تہ ارواح برابر باقي آهن. اهي زيارت ڪندڙ درحق علم ۽ شعور رکن ٿا ۽ انهن کي خدا جو قرب پڻ ائين حاصل رهي ٿو جيئن دنيا جي حياتيءَ ۾ کين حاصل هو. انهيءَ آڌار تي دين ۽ شرع جا عالم اوليائن جي تصرفات ۽ ڪرامات جا قائل آهن ۽ چون ٿا تہ اهي سڀ انهن اوليائن جي مقدس روحن لاءِ مخصوص رهن ٿا ۽ اُهي روح موت کان پوءِ باقي رهن ٿا ۽ انهن جو متصرف حقيقي خدا آهي، جنهن جي قدرت سان سڀ ڪم ٿيندا رهن ٿا.

اولياءَ، حيات توڙي ممات ۾ خدا جي حڪم سان باقي آهن. انهيءَ ۾ ڪو فرق ناهي، نہ وري شرعي طور ڪا ڳالهہ انهيءَ تي ڪا دلالت ڪري ٿي. شيخ عبدالحق دهلوي بہ چوي ٿو تہ انهيءَ لاءِ ڪنهن کي ڪو وهم نہ ڪرڻ کپي تہ بعض فقيهن ميت کان فيض وٺڻ جو انڪار ڪيو آهي ۽ اهي فقيهہ حنفي مڪتبہ فڪر جا آهن ۽ ميت جي ٻڌڻ (سماع) جا بہ انڪاري رهن ٿا.

’فتح القدير‘ جي انهيءَ عبارت مان سماع جي انڪار جي صورت ۾ ميت کان ارشاد ۽ فيض حاصل ڪرڻ جو انڪار لازم ناهي، ڇاڪاڻ تہ روح جو ارشاد، ان جي شعور ۽ ادارڪ تي موقوف رهي ٿو، جڏهن ڪو شخص انهيءَ ڏانهن (فيض ۽ ارشاد) جي خيال کان متوجهہ ٿئي ٿو.

شيخ عبدالحق دهلوي يا جن ٻين صوفين ۽ فقيهن ميت جي علم ۽ شعور جي ثبوت سان ان کان فيض حاصل ڪرڻ جو جيڪو رايو ڏنو آهي، سو پنهنجي جاءِ تي ثابت ٿيل آهي. اها ڳالهہ اهلِ سنت والجماعت بہ مڃيندا ۽ ٻيو ڪو بہ انڪار نہ ٿيندو سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي قبر

Scanned by CamScanner

جي عذاب ۽ ثواب کان انڪار ڪندڙ آهن. ٻيون ڳالهيون، جيڪي ادارڪ ۽ شعور جو فرع ليکيون وڃن ٿيون، سي اهلِ علم جي اڳيان پڌريون آهن. ليڪن هن باري ۾ ته شيخ عبدالحق دهلوي جيڪي چوي ٿو سو دين ۾ ثابت ٿيل آهي ته اوليائن کي زيارت ڪندڙن جو علم ۽ شعور برابر رهي ٿو. سندس اهو ثبوت ڪنهن مذهب ۽ قول بدران دين جي نيت موجب ڏيان ۾ رکڻ لاءِ پيش ڪيل آهي.

’مناقب العارفين‘ ۾ جيڪو شيخ العارفين مولانا جلال الدين رومي، ان جي خاندان ۽ خليفن جي احوال بابت آهي، ته مولانا روميءَ جي خليفي حسام الدين چلپيءَ جي پاءِ باغبان چلپيءَ سان بي ادبي ڪئي، تڏهن مولانا روميءَ جي وفات کي چار سال ٿي چڪا هئا. باغبان ٿو بيان ڪري ته مان ڪنهن مهل ائين ڏٺو ته مون کي قتل ڪري منهنجو ڌڙ سسيءَ کان ڌار ڪيو ويو آهي. مون حسام الدين چلپيءَ وٽ ٻاڏايو جنهن مون تي ڪجهه پڙهيو ۽ مان جيئرو ٿي پيس ۽ ڏاڍو خوش ٿيس. ايتري ۾ ڇا ٿو ڏسان ڪافي رت وهي چڪو آهي، جنهن تي حسام الدين مون سان معذرت ڪندي چيو ته خدا جي اوليائن کي حيات ۽ ممات ۾ وڏي طاقت آهي، ڇا لاءِ ته اهي خدا جا نائب آهن. جيئن مولانا رومي خود اشارو ڪيو آهي:

گرهمان بخشد و گربخشد روا ست

نائب است او دست او دست خدا ست

’اهو بخشي يا قتل ڪري ٻئي ڳالهيون ڪيس روا آهن، ڇاڪاڻ ته خدا جو نائب آهي ۽ سندس هٿ ان جي وس ۾ رهي ٿو.‘

شيخ محي الدين عربي ’فتوحات‘ جي باب ٽيهتر (73) جي پڇاڙيءَ ۾ فرمائي ٿو: روح قبض ٿيڻ کان پوءِ خدا جي حڪم سان وڃي عالم برزخ ۾ پهچي ٿو ته اتي اهي سيئي شيون دنيا جي حياتيءَ وانگي سندس درڪ ۾ اينديون. اهو صورم، جنهن ۾ ارواح عالم برزخ اندر موجود هوندا، تن مان کي تصرفات کان پرانهان، ته ڪي نبين ۽ شهيدن جي ارواح جيان ته وري ڪي اهڙا هوندا، جن جي نظر دنيا جي پاسي هوندي ته ڪي خواب خيال يعني عالم مثال ۾ هوندا_ جيئن فتوحات ۾ آهي ته دنيا جي پاسي نظر رکڻ وارا عالم برزخ ۾ رهندڙ اولياءَ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هوندا ته دنيا ۾ واپس وڃي رهيل ڪمَ جي

Scanned by CamScanner

پورائي ڪري اچن، باقي نبي ۽ شهيد جيڪي تصرف ۾ هوندا، انهن جي ڳالھ الڳ آهي. مولانا روميءَ واري قصي مان قبر ۾ ويلن جو تصرف ۽ ارشاد واقع ٿيندو رهي ٿو. ان حالت ۾ موت محض حال جو تغير ليکجي ٿو جيئن صوفين واري طائفي جي راءِ موجب اڳواٺ تفصيلي طرح ذڪر ٿي چڪو آهي، جيڪي قبر ۾ اوليائين جي تصرف کان انڪاري نہ آهن.

شيخ محي الدين عربي اويسي پڻ انهيءَ راءِ جو آهي تہ روحانيت کان فيض حاصل ڪيو وڃي، جيڪو شرعي توڙي عقلي روءِ موجب جائز آهي، بلڪ واقع چئي سگهجي ٿو. انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪرڻ واري وٽ ڪو بہ دليل، ڪا بہ حجت ناهي، انهيءَ ٿي بنا تي هي حقير (محمد معين) تتبع ڪري ٿو، وڏيڪ رب پاڪ کي ئي سيڪا سُڌ آهي.

هتي سنڌ ۾ بہ ڪيئي بزرگ اويسي (مگر هستيءَ وارا) ٿي گذريا آهن، جن مان صاحب ارشاد حضرت شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو نالو چٽيءَ ريت پڌرو آهي. [۱] ان کان علاوه بہ آءُ چوان ٿو تہ مڙئي اهل بيت نبوي صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ سالڪ، اويسي طريقي وارا هئڻ گهرجن ۽ انهن لاءِ ڪو بہ بهانو نہ هجي تہ وڏن جي ميراث آخر انهن جي پوين کي سنڀالڻي پوي ٿي، جيڪا امانت طور سندن حوالي ٿيندي آهي. حيرت آهي ان شخص تي جيڪو تصوف جي خرقي ۾، روحانيت جي فيض رسانيءَ کان انڪار ڪندو هجي. ان کان اهو پڇڻ ڪپي تہ اوهان پنهنجي مرشد وٽان جيڪو فيض حاصل ڪيو آهي، اهو اڃا اوترو ئي ٿو رهي، جيترو پهرئين ڏينهن کان هو يا اُن ۾ ڪو واڌارو بہ ٿيو آهي؟ جيڪڏهن جواب ڏئي تہ اڃا اوترو ئي آهي تہ اهو چڻ زيانڪار ٿيو پر جي ٻڌائي تہ ان ۾ ڪو واڌارو ٿيو آهي تہ وري ڪانئس پڇيو وڃي تہ ڀلا اهو واڌارو ڪنهن مشائخ جي واسطيداريءَ سان ٿيو آهي يا اُن کان سواءِ؟ آيا سنئون سڌو حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم وٽان ٿيو آهي يا وري اُن سان ڪنهن ٻئي جو ڪو لڳ لاڳاپو ڪو نہ آهي؟ انهيءَ تي جيڪڏهن هو اها ورندي ڏئي تہ اُن ۾ ڪنهن جو بہ ڪو واسطو ناهي تہ پوءِ نسورو ڪوڙ هوندو جنهن کي ڪو مسلمان ڪو نہ قبوليندو چو تہ ڪهڙو بہ مسلمان ائين نہ چوندو تہ منهنجو سنئون سڌو حضرت ختم رسالت

---

(۱) حضرت شاھ ڪريم بابت ڏسو تعليقات

صلي الله عليه وآله وسلم جي ذات اعليٰ صفات سان روحاني لاڳاپو آهي. انهيءَ لاءِ هر حالت ۾ ڪنهن واسطي ۽ وسيلي جي حاجت ٿئي ٿي. جڏهن ڪو شخص صاف طور ٻڌائي تہ هن جو ڪنهن روحاني وسيلي سان ڪو لاڳاپو آهي تہ چيو ويندو برابر انهيءَ ڪي روحانيت وسيلي فيض ملي ٿو. اهو ئي فيض ان شخص جي چڱي نموني اصلاح ڪندو ۽ انهيءَ ڪي ئي 'اويسي' ڪوٺيو ويندو. انَ حالت ۾ اويسي طريقي کان انڪار ڪرڻ ڪا بہ معنيٰ نٿو رکي.

والله سبحانه و تعاليٰ اعلم و حڪمه احڪم.

سوال (٣) جو جواب:

عالمن جي امر جي پوئواري شرع محمديءَ جي پيرويءَ موجب سمجهڻ گهرجي. جيستائين فقه ۽ سلوڪ جي مسئلي جو تعلق آهي، ان لاءِ منافات (هڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) جو خيال ڪا معنيٰ نٿو رکي.

ياد رهي تہ شريعت ڪي رد ڪرڻ واريون سڀ ڳالهيون بي دينيءَ ۾ داخل ٿين ٿيون. اهو قول صوفين جي هڪ مقبول طائفي جو آهي. شريعت جي استقامت بابت ذڪر ڪيل طائفي جو رويو يا رايو ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪين آهي. 'عوارف المعارف' ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي (٦٣٢ هہ مطابق 1234ع) چيا ٿو ارشاد فرمائي، اُن تي غور ڪرڻ ڪپني يا وري اهو ڏسجي تہ شيخ محي الدين ابن عربي (٦٣٧ هہ) توحيد وجود جي محويت ۽ مستيءَ واري عالم ۾ هئڻ جي باوجود فتوحات جي پڇاڙيءَ ۾ ان بابت کهڙيون حقيقتون بيان ڪيون آهن.

'عوارف المعارف' ۽ 'نفحات الانس' (ص 6) ۾ لکيل آهي تہ شيخ بايزيد بسطامي هڪ اهڙي شخص سان ملڻ ويو جنهن جي ولايت جي هر ڪنهن ساراهہ پئي ڪئي. پاڻ جڏهن اتي پهتو چيا ڏٺائين تہ اُن شخص قبلي ڏانهن مُنهن ڪري ٿڪ اڇلائي. اهو ڏسي هڪدم واپس وريو ۽ چوڻ لڳو: هي شخص شرعي آداب جو امين ناهي تہ اسرار الاهيءَ جي وري کهڙي امانت ڪندو؟ [1] اهو پڻ 'عوام المعارف' ۾ آهي تہ شيخ شبلي موت جي وقت پنهنجي خادم ڪي وضو

(١) اصل عبارت لاءِ ڏسو تعليقات شيخ بايزيد بسطامي

Scanned by CamScanner

ڪرائڻ لاءِ اشارو ڪيو جنهن پرسان اچي سندن هٿ کان وٺي ڪيس وضوءَ لاءِ گرڙيون ڪرايون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن بزرگ سڪرات مهل بہ شريعت جي حڪم کان منهن نہ موڙيو. بيشڪ ولين جو اهو ئي دستور آهي.

اُن هوندي بہ جيڪڏهن ڪو خام خيال ماڻهو انهيءَ جي ابتڙ ڪجهہ چوي تہ اهو ڪنهن توجهہ جي لائق ناهي. عام ماڻهو سمجهن ٿا تہ ولين جيڪڏهن ڪنهن حالت ۾ شريعت خلاف ڪو بہ ڪم ڪيو تہ کين مباح آهي. تنهن کان سواءِ اهڙيون ٻيون بہ ڪي ڳالهيون سماع ۽ توحيد وجود متعلق مشهور ڪيل آهن. مثال طور: چيو وڃي ٿو تہ 'سماع' فقيهن جي فلاڻن شرطن جي مطابق جائز آهي ۽ اولياءَ بہ اُن موجب سماع کي مباح سمجهن ٿا وغيره.

ليڪن اُها خبر هئڻ کپي تہ عالمن جي نزديڪ سماع حرام آهي، جنهن جي تائيد ۾ اولياءَ انهيءَ راءِ جا آهن تہ سماع کي اجا بہ هڪ وک وڌيڪ حرام فيصل ڪرڻ کپي.

هن معاملي ۾ حضرت ميران سيد عبدالڪريم قدس سره وڏي مبالغي کان ڪم ورتو آهي، جيئن سندن مريدن جي ريت ۽ روش مان ظاهر پيو ٿئي. اُنهن لاءِ ولين وارا شرط انهيءَ حد تائين آهن، جو سواءِ ڪنهن فرد ڪامل جي مشڪل سان ڪنهن ٻئي کي پوريءَ طرح حاصل ٿي سگهن ٿا.

هنن جي خيالن ۾ (سماع دوران) جنهن روح ڪيو ۽ مٿس حال طاري ٿيو ۽ سندن اندر گلي پيوّ تہ سماع ان لاءِ بلڪل مباح آهي. پر سوال اهو آهي تہ انهيءَ قسم جو روح بہ ڪيترين نوعيتن وارو ٿئي ٿو. اها سڌ ڪيئن پوي تہ ڪهڙو روح ڪهڙي سبب کان ٿي سگهي ٿو! تنهن کان علاوه اندر جي کلي پوڻ مان اهو واقع ممڪن آهي تہ ان مان لڪل نموني نفس جي ڪا واٽ نڪري پوي، جو الهام ۽ ڪاشفي وارا شهزور بہ ان جي وٺ ڪرڻ کان عاجز ٿي پون؟ نيڪ اهڙيءَ ئي طرح جيڪڏهن رقص ۽ وجد بہ عام حرڪتن واري طاقت ۽ تناسب سان سماع وقت موزون نغمي ٻڌڻ جي ڪري نفس ۾ عجيب انداز پيدا ٿيڻ کان پوءِ نروار ٿي پوي ۽ ويچارو روح ڪرڻ وارو انهيءَ رودن ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي، ڏوڙ مٿي ۾ وجهي، ائين بدمستيءَ ۾ نچڻ ڪڏڻ لڳي، جو سنئون سڌو شيطان جو

Scanned by CamScanner

مسخرو بڻجي پوي. جيتوڻيڪ هن زماني ۾ اهو بہ غنيمت آهي تہ شيطان کنهن کي اهڙيءَ ابليسيت واري رونشي سان مسخرو بڻائي ڇڏي ۽ خود شيطان بہ اهڙيءَ روشنيءَ ۾ انسان جي فريب ڪاريءَ جو ڳيجهو هجي!

ايڏي رت ولوڙڻ کان پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ائين پڌري پٽ کنهن کي آخر ڪهڙي لوڙ پئي آهي، جو اهڙو سانگ رچائي، اُن کي حال جو نالو ڏئي، خالي پيلي سماع جو نماءُ ڪري، پنهنجو پاڻ کي عالمن ۽ ولين جو مخالف بڻائي، خلق کلائي؟ (ان کان چڱو ائين آهي) تہ هر جائز مسئلي تي چئن چڱن سان سنمک ٿي سنئون رستو اختيار ڪيو وڃي!

ساڳيءَ طرح توحيد وجود جو مسئلو آهي. جيڪڏهن توحيد وجود مان مراد اها هجي تہ جيڪي ڪجهہ ڪائنات اندر موجود آهي، سو عين حق سمجهيو وڃي يا ائين ڪٿي چئجي تہ حق جو ان ۾ ظهور ٿيو هجي ۽ اهو ظهور جسم جو جسم مان يا عرض جو جسم مان۔ ڪيفيتن مان ٻاهر آيل هڪڙي ڪيفيت جي انداز ۾ آهي تہ پوءِ عالمن ۽ صوفين جي ويجهو ان کي سنئون سڌو ڪفر ۽ الحاد ڪري ليکيو ويندو.

شيخ محي الدين ابن عربي 'فتوحات' جي مهاڳ ۾ اشعريءَ جي عقيدن مطابق پنهنجو عقيدو بيان ٿو ڪري. پاڻ انهيءَ عقيدي جو اظهار شيعي گروهہ يا فرقي جي پوئواريءَ جي خيال کان نہ، پر تقليد (کنهن روش يا راهہ کي لازمي طور اختيار ڪرڻ) جي صورت ۾ فرمائي ٿو۔ يعني هن پلاري جيڪي اصل ۾ ڏنو سو نقل ڪيائين ۽ جيڪي ڪجهہ ممڪن نظر آيس، ان کي امڪاني قرار ڏنائين. قديم کي قديم ۽ حادات (جديد) کي قديم سان ملائي بيان هيٺ آندائين، جنهن ۾ مناسب اسباب مان ڪو بہ سبب رهايل ڪو نہ ٿو ڏسجي، نہ وري توحيد جو مسئلو (توحيد وجود) ان تي غالب آهي. ائين پيو معلوم ٿئي، ڄڻ توحيد وجود انهن عقيدن جي منافي ناهي.[١]

شيخ المشائخ شهاب الدين سهروردي قدس سره 'عوارف المعارف' ۾ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن منصور جي زبان تي آيل " اناالحق" واري ڪلمي ۾ حلول جو ڪو بہ شائبو هجي ها تہ اسان اُن کي رد ڪري ڇڏيون ها، ان

---

(١) ڏسو تعليقات حضرت شاهہ عبدالعزيز دهلوي

Scanned by CamScanner

لاءِ جو اسان کي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جيڪي شرعي روءِ سان روشناس ڪرايو آهي، ان مطابق اسان جو عقل دلالت ڪري ٿو تہ الله تبارڪ تعاليٰ طرفان اهو ٿي جائز ۽ درست آهي.

امام غزالي 'احياءَ العلوم' ۾ چوي ٿو تہ ولين طرفان ڪنهن بہ منصور جي انهيءَ بدعمل جو اقرار نہ ڪيو آهي تہ اهو ڪفر اندر اچي ٿو. اسان بہ جيڪي چئون ٿا، اهو انهن نسبتن کان الڳ آهي، ان جو زبان سان ڪو بہ تعبير ڪري نٿو سگهجي.

جڏهن ڪو شخص حال ۽ ذوق سان ان ڳالهہ جي انت تائين رسائي ڪري ٿو تہ انهيءَ شرط موجب عقل انهيءَ وجدان واري ذو ق کي درست سمجهي ٿو. تڏهن خبر پوي ٿي تہ اهي سڀ نسبتون اُن سان ٺهڪي نہ ٿيون اچن. انهيءَ صورت ۾ لازمي آهي تہ عقلي امور وسيلي عاقلن جي اصل منشا کي سندن شرطن مطابق پروڙڻ گهرجي، جيئن مٺاڻ جو سواد ۽ ميلاپ (جماع) جو لطف، وجداني ۽ اختياري ڪيفيتن موجب محسوس ڪرڻ ۾ اچي ٿو. انهن ڳالهين کي اهڙي احتياط ۽ وضاحت سان پيش ڪرڻ کپي، جو انهن تي حال جو گمان پيدا نہ ٿئي ۽ ٻڌڻ وارا ان کي حلول واري حد ۾ تصور ڪري، ان کي ڪوڙو سمجهي ائين نہ چون تہ انهن نسبتن ۾ اهڙي ڪا بہ شيءِ نظر نہ ٿي اچي. ان کان پوءِ ٿي عقل ۽ شرع موجب ان کي قبوليت ۾ آندو وڃي. ائين ڪرڻ سان ڪو بہ نزاع يا تڪرار وچ ۾ نہ رهندو. باقي ايترو آهي تہ انهن مان جيڪڏهن ڪو بہ شخص مقصد جي خلاف ڪجهہ چوندو تہ عالم سڳورا اُن کي انهيءَ موجب ملامت ڪندا ۽ مٿس فتويٰ جاري ٿي سگهندي، جنهن کي اولياءِ ڪرام بہ قبول ڪرڻ لاءِ حق سمجهندا. ايتري قدر جو اُن کي ڪفر بہ چئي سگهجي ٿو. شيخ محي الدين ابن عربي "فتوحات" ۾ ٿو فرمائي تہ اسان جي فڪرات جو جيڪي اسان چڱيءَ ريت سوچيون ٿا ۽ ان ۾ نيڪ نيتيءَ جو دخل آهي، اسان کي خدا جي طرفان اجر نصيب ٿيندو.

شيخ علاءالدولہ سمناني "رسالہ اربعين مجالس" ۾ "اسرار اقباليہ" تان نقل ڪري ٿو تہ منصور (٢٩٧هہ) کي جڏهن ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو تڏهن دانهون ڪرڻ لڳو تہ "خدايا! هنن عالمن تي رحم ڪر، جيڪي مون کي تنهنجي لاءِ قتل ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هنن کي اها خبر

Scanned by CamScanner

پوي تہ آءٌ انهن ۾ ئي آهيان تہ مون کي ڪڏهن بہ سوريءَ تي نہ چاڙهين!"[1]
هن حالت ۾ قاتل ۽ مقبول ٻئي جنت ۾ چوڻ واري ڳالهہ پوري بيهي ٿي.

افسوس آهي انهن جاهلن جي جماعت تي، جيڪي اسلامي عقيدن کان بيخبر آهن. تنهن سان گڏ صفات الاهيءَ ۾ جيڪي واجب سمجهيو وڃي ٿو ان کان الله تعاليٰ طرفان عائد ڪيل پرهيزگاريءَ بابت بہ ڪا ڄاڻ نہ ٿا رکن، پر ڪين استنجي ڪرڻ جي پوري پروڙ بہ خير ڪي آهي. اڄڪلهہ ٿائيءَ ۾ اهڙا مسئلا ڪڙا ڪري ٿا ڏين، جو انهن مان سندن ايمان جي مفت ۾ بربادي ٿئي ٿي.

حيف هجي اهڙن جاهلن تي، جي حال تي، جيڪي اهي اسرار آشڪار ڪندا رهن ٿا. انهن کي اهو پتو ناهي تہ سيد الطائفہ جنيد بغدادي (۵۰۴هہ)[1] جڏهن اهل حال تي علوم جي اسرار ۽ رموز جو اظهار ڪرڻ چاهيندو هو تہ دروازو بند ڪري تالو ڏئي چاٻي گوڏي هيٺان رکي، پوءِ ان جي شروعات ڪندو هو جيئن امام شعراني، "مواقيت" ۾ بيان ڪيو آهي:

"سعادت مند اهو شخص آهي، جيڪو پنهنجي عقل ۽ حال موافق حقيقت معلوم ڪري مخفي احوال اهلِ حال آڏو بيان ڪري. ڪيس اها ڄاڻ هئڻ کپي تہ ايئن ئي توحيد وجود جو مسئلو سطحي مطالعي هيٺ آڻڻ ۽ ڏند ڪٿائي انداز ۾ بي سمجهہ عوام اڳيان بيان ڪرڻ ڪفر ۽ الحاد ۽ اشد حرام آهي."

جيڪڏهن خدا ڏينهن قيامت جي هن مسئلي تي غور نہ ڪرڻ سبب ڪا بہ وٺ پڪڙ ڪئي تہ آءٌ (محمد معين) بہ ان ۾ ورتل هوندس.[1]

هٰذا بلاغ للناس ولينذرو اوما اريد الا صلاح ما استطعت وما توفيقي الا بالله وعليہ توڪلت واليه انيب.

سوال(۴) جو جواب:

اهڙا ڪيئي ولي ۽ مقرب ٿي گذريا آهن، جن جي مشائخ بابت ڪو پتو نہ ٿو پوي، اهي سڀ خدا جا پيارا گمناميءَ واري حالت ۾ پهاڙن ۽ بيابانن اندر زندگي بسر ڪري ويا. پر اولياءَ ڪين هئا. امام يافعي "روض

---

(۱) ڏسو تعليقات "وحدت الوجود".

• شيخ جنيد بغدادي ڏسو تعليقات

الرياحين" ۾ ڪيترن ولين بابت نقل ٿو ڪري تہ انهن جي باري ۾ ڪا بہ خبر ڪانهي تہ اهي ڪهڙ: سلسلي سان لاڳاپو رکندڙ هئا ۽ ڪهڙن بزرگن سان سندن واسطيداري هئي. اهڙيءَ ريت خواجہ حافظ شيرازيءَ لاءِ بہ ڪنهن کي ڄاڻ ڪانهي تہ هن ڪنهن وٽان باطني تعليم ۽ تربيت ورتي هئي.

"نفهات الانس" [٢] ۾ ڄاڻايل آهي تہ ولايت جي لاءِ اهڙي قسم جي ڄاڪوڙ ڪرڻ ضروري ناهي، ان تي ڪا بہ طنز روا رکڻ يا اهڙي طريقي کي بي اصول سمجهڻ، جسارت ۽ گستاخي ٿيندي.

ساراهہ لائق آهي اهو ڏٺي، جيڪو خطائون معاف ٿو ڪري ۽ ان تي ئي هر ڪنهن جو ڀروسو رهي ٿو.

آسرو آهي تہ هنن ڪجهہ ورقن کي نظر مان ڪڍڻ کان پوءِ گنهگار محمد معين ولد محمد امين کي دين اسلام جي حقيقت ۽ شرعي اسرار جي حصول جي دُعا سان ياد ڪيو ويندو:

خدا سڀني کي حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي پيروي ۽ ظاهري باطني احڪام جي اطاعت جي توفيق عطا فرمائيندو!

❖

هي ڪتاب تاريخ ۴ جمادي الثاني، آچر جي ڏينهن ٽپهريءَ ٽائي، ١٢٣٠هہ ڏاري فقير محمد عارف [٢] ولد مرحوم محمد افضل وينل شهر سن شريف هٽان لکجي پورو ٿيو.

—

(١)هن باري ۾ رسالي جي ختم ٿيڻ تي مشهور بزرگ بو علي قلندر پاڻيپت واري ڏانهن منسوب رسالي "حڪمنا مہ" مان ڪي اقتباس پيش ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ شيخ عبدالحق محدث دهلوي لکي ٿو تہ اهو عوام جي اختراع آهي.

(٢) نفحات الانس، مولانا نور الدين عبدالرحمان جامي ٨٩٨هہ مطباق 1294ع

(٣)مخدوم محمد عارف بابت ڏسو تعليقات، پڇاڙيءَ ۾

Scanned by CamScanner

حواشي و

تعليقات

Scanned by CamScanner

مخدوم ابوالقاسم نقشبنديؒ(*)

سنڌ ۾ تصوف جي تعليم جي شروعات ٽين صدي هجريءَ (نائين صدي عيسويءَ) ڌاري شيخ ابو علي سنڌيءَ نالي هڪ نو مسلم عالم وٽان ٿي، جيڪو شيخ بايزيد بسطاميءَ (وفات ٢٦١هه مطابق 874ع) جو استاد هو. ان کان پوءِ هن علم (تصوف) ڪيترن طريقن جي صورت اختيار ڪئي، جن مان هڪ نقشبندي طريقو هو. انهيءَ طريقي جو باني خواجه محمد تاليسوي (وفات ٥١٢هه مطابق 1166ع) پڌايو وڃي ٿو. جنهن کان پوءِ خواجه عبدالخالق غجدواني (وفات ٥٧٥ هه مطابق 1179ع) هن طريقي کي اڳتي وڌايو ۽ خواجه بهاءُ الدين نقشبندي (وفات ١٠١٢هه مطابق 1603ع) عروج تي پهچايو.

يارهين صدي هجريءَ (سترهين صدي عيسويءَ) ۾ خواجه باقي بالله (وفات ١٠١٢ هه مطابق 1603ع) ۽ مجدد الف ثاني (وفات ١٠٣٤ هه مطابق 1624ع) هجري سن جي ڏهن هزارن واري شروعاتي دور جا ٻه ناميارا مذهبي اڳواڻ ٿي گذريا آهن، جن جو لاڳاپو هندستان سان هو.

سنڌ اندر مجدد الف ثانيءَ جي اوائلي پوئلڳن مان شيخ موسيٰ ۽ سندس فرزند شيخ اسحاق ساڪيءَ صديءَ جا مشاهير ليکيا وڃن ٿا. مجدد الف ثانيءَ جي فرزند خواجه محمد معصوم (وفات ١٠٨٩ هه مطابق 1685ع) جو مريد مخدوم محمد آدم ٺٽوي (وفات ١٠٣٠ هه مطابق 1229ع) هو. جنهن پنهنجي مرشد خواجه محمد معصوم جي رحلت کان پوءِ سندس فرزند شاهه سيف الدين (وفات ١٠٩٦ هه مطابق 1685ع) جي هٿ تي بيعت ڪئي.

مخدوم آدم جي مريدن مان مخدوم ابوالقاسم نقشبندي (وفات ١١٣٨ هه مطابق 1725ع)، صوفي شاهه عنايت شهيد (١١٢٩ هه مطابق

(*) ملوڪ الڪلام نياز همايوني ص 35_36. مضمون: جناب ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان

Scanned by CamScanner

1717ع) ۽ مخدوم ابوالحسن ڏاهري (وفات ١١٨١ هہ مطابق 1727ع) هئا.
مخدوم ابوالقاسم (ولد درس ابراهيم) پهريان مخدوم آدم وٽان روحاني فيض حاصل ڪيو پوءِ ان جي ارشاد مطابق سرهند وڃي شاهہ سيف الدين جو مريد ٿيو. انهيءَ مخدوم جي مريدن مان مخدوم محمد معين ٺٽوي، شاهہ ولي الله دهلويءَ جو همعصر ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف (وفات ١١٦١ هہ مطابق 1747ع) ۽ خواجہ ابو المساڪين (وفات ١١٤٩ هہ مطابق 1730ع) مشهور آهن.

مخدوم ابوالقاسم ڪمالات جو صاحب هو سندس شهرت سنڌ کان ٻاهر سڄي هندستان ۾ پکڙيل هئي. سندس ڪمالات ۽ تعليمات کي مخدوم معين هڪ الڳ رسالي ۾ جمع ڪيو. ابوالقاسم ٧ شعبان ١١٣٨هہ تي وفات ڪئي ۽ ٺٽي ۾ مڪليءَ جي قبرستان ۾ دفن آهي. قبر تي هي شعر اڪريل اٿس، جنهن مان سندس وفات جو سن نڪري ٿو:

بسال وصل او هاتف بفرمود
ابوالقَاسم سراسر نور بود
١١٣٨هہ

Scanned by CamScanner

شيطان

شيطان بابت شاعرن کان وٺي نثر نگارن تائين عجيب قسم جون حڪايتون، رايا ۽ روايتون مشهور آهن. علامہ اقبال جو اڌ شعر ياد ٿو اچي: ”اها قوم ڪهڙي ڪم جي“، ’ڪ يزدان دارد شيطان ندارد:‘ جنهن وٽ خدا تہ آهي، پر شيطان ڪونهي“ حضرت شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

عاشق عزرايل، ٻيا مڙئي سڏڙيا.

عربيءَ جو مشهور انشا پرداز جاحظ (864ع) لکي ٿو: ”آءٌ هڪ ڀيري بصري جي بازار ۾ گهمي رهيو هيس، اوچتي هڪڙي مائيءَ اچي مون کي ٻانهن کان ورتو ۽ گهليندي سوناري جي دڪان تي پهتي. ان کي چيائين هن شخص کي ڏسي ڇڏ.“ اِئين چئي اها مائي غائب ٿي وئي.

مون حيران ٿي سوناري کان پڇيو خير تہ آهي؟ هن ٻڌايو تہ انهيءَ مائيءَ کي شوق هو تہ مون کي شيطان جي شڪل واري منڊي ٺاهي ڏي! مون چيو: شيطان ڏٺو ئي ڪونہ اٿم تہ ان جي شڪلِ وري ڪٿان ٺهندي، سو اجهو انهيءَ ڪم لاءِ مائي توکي مون وٽ وٺي آئي، ٻيو خير!

اهي تہ ٿيون اڳئين زماني جون ڳالهيون. اسلام آباد مان نڪرندڙ ماهوار ”السنڌ“ جي نومبر (1992ع) واري پرچي ۾ محترم علي احمد بروهيءَ پنهنجي مضمون ۾ ڄاڻايو آهي تہ (اڳوڻي) يوگوسلاويہ جي علائقي بوسنيا ۾ بوگوملس (خدا دوست) نالي هڪ عجيب غريب قوم رهندڙ آهي، جا خدا کان وڌيڪ ابليس جو لحاظ رکي ٿي. سندس چوڻ مطابق خدا پاڪ نيڪي، سچائي ۽ سوجهرو آهي، ان ڪري ڪانئس ڊپ ڀاءُ ڪرڻ جي ضرورت ناهي، پر ابليس کي راضي رکڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو اوندهہ جو فرشتو شر ۽ شيطان آهي ۽ سدائين اهنج عذاب رسائڻ جي تاڙ ۾ رهي ٿو. هيءَ قوم پنهنجي قديم دستور موجب پنهنجي ماڻهن جي ڄمڻ تي ماتم ڪندي ۽ موت تي خوشي ملهائيندي آهي.

Scanned by CamScanner

ميران سيد عبدالڪريم

ميران سيد عبدالڪريم يعني حضرت شاهه ڪريم بلڙي شريف وارو (1538_1622ع). شاهه صاحب پنهجي وقت جو وڏو صوفي شاعر ۽ بزرگ هو اڪثر مسلم صوفين وانگي سنت جماعت جو مذهب تي رڪيائين. پاڻ "اويسي" تي سڏايائين، ان ڪري جو اويس قرنيءَ وانگر رسول الله ﷺ جي مماتيءَ ۾ ڪانئن سڌي امانت ورتل هيس. سندس مرشد به اويسي هو.

شاهه ڪريم جيتوڻيڪ شريعت تي پوريءَ طرح قائم هو تڏهن به سندس ارشاد دوران بعضي اهڙا اشارا ۽ گفتا اچي ويندا هئا، جيڪي ظاهري طور شريعت جي خلاف ليکيا تي ويا، جهڙوڪ: سماع جو شوق، جيڪو شرعاً حرام آهي: 'انا احمد بلاميم' جهڙيون حديثون ته آءٌ "احمد"، ميم کان سواءِ 'احد' الله آهيان؛ مريدن کي قرآن حڪيم جي هڪ ايميءَ کان وڌيڪ نه پڙهڻ جو تاڪيد ڪرڻ ۽ شاديءَ جي مخالفت ڪرڻ؛ جيڪا خود نبي ڪريم صلعم جي سنت ۾ شامل آهي وغيره. پر اهي سڀ ڳالهيون تاويل جون محتاج آهن.

بهرحال پاڻ هڪ عابد، زاهد ۽ صوفيءَ جي حيثيت ۾ وڏي پهچ وارو هو. توحيد ۽ سلوڪ جي باري ۾ جيڪي نقطا بيان ڪيا اٿائين، تن جي مطالعي مان سندس ڪامل صوفي هئڻ جي شهادت ملي ٿي. (وڌيڪ لاءِ ڏسو بيان العارفين مرتب: علامه عمر بن محمد دائود پوٽو مرحوم. اشاعت1977ع).

مخدوم محمد معين جو حضرت شاهه لطيف سان دلي تعلق هو ڪيس خبر هئي ته هي برگزيدو به انهيءَ بزرگ جي خاندان مان آهي. ساڳئي وقت پاڻ به شاهه ڪريم کي ادب احترام سان اڪمل اصحاب 'حضرت قدوه اولياءٌ، متاخرين رئيس، طائفه محققين، راس علماءِ بالله عارفين وغيره لقب ڏئي ياد ڪيو اٿن. ان هوندي به هڪ مصنف جي حيثيت ۾ جڏهن حق جي ڳالهه ڪرڻ تي اچي ٿو ته ڪو به رياءُ نه ٿو ڪري. جزاڪ الله (مترجم)

Scanned by CamScanner

حڪم نامہ شيخ شرف الدين بو علي قلندر

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ فلاڻو هٽ جي ٿاهي ٿو هٽي، يعني من گهڙت ڳالهہ ٿو ڪري. انهيءَ عوامي علت بابت مخدوم معين، باب ٽئين جي پڇاڙيءَ ۾ اشارو ڪيو آهي. هتي هڪ تاريخي من گهڙت قصو نقل ڪجي ٿو جو بوعلي قلندر (٦٠٢-٧٢٤هہ) سان منسوب آهي. انهيءَ ڪتاب جو ڪاتب شيخ محمد عرف غلام ياسين لکي ٿو تہ مون هي (حڪم نامو) تاريخ ١٩ شعبان ١٢٣٦هہ ڌاري تبرڪ طور پنهنجي لاءِ قلمبند ڪيو آهي. ڪتاب جي شروعات حضرت بو علي قلندر جي زباني هن ريت ٿئي ٿي:

هي درويش شرف الدين بو علي قلندر پاڻيپٽ مان روانو ٿي دهليءَ ويو ۽ خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي اوشي (اُچي يعني اُچ واري) جي درگاهہ تي رهيو. اڳتي ٿو لکي: مون اتي ٻہ رڪعتون نماز جون پڙهي خدا کان دُعا گهري تہ مون کي علم عطا فرماءِ! مون آخر اهو علم حاصل ڪيو جو ڪتابن ۾ ڪو نہ آهي. مون هنن بزرگن: (١) مولانا فخر الدين ناقلہ (٢) مولانا وجيہ الدين پاتلي (٣) مولانا معين الدين دولت آبادي، ۽ (۴) مولانا نجم الدين سمرقندي وغيره وٽان ڪسب فيض ڪيو. جنهن موجب مون کي علم شريعت، علم طريقت، علم حقيقت ۽ علم معرفت نصيب ٿيو. ان کان پوءِ آءٌ سفر تي نڪتس. پهرين منزل وزير آباد ۾ ڪيم. جيڪو شهر جمنا نديءَ جي ڪناري تي آهي. رات گذاري صبح ٿيڻ تي توحيد متعلق لکيل سڀ ئي ڪتاب ۽ رسالا، جي مون وٽ هئا، درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيم، جيئن ڪنهن چيو آهي:

پنڊت لکيا پانچ ڪر، پوٿي مامي توڙ
سڪري انج ميت ڪر، من مين سائين لوڙ.

---

(١) عهد سلطان غياث الدين بلبن ٦٦٤-٦٨٦هہ

(٢) عهد سلطان جلال الدين خلجي ٦٨٩-٦٨٥ هہ

(٣) عهد سلطان محمد بن تغلق شاهہ ٧٢٥-٧٥٢ هہ

Scanned by CamScanner

"ڪتابن جي پچر ڇڏي، علم اورانگهي، اندر ۾ الله کي ووڙي لهڻ جي ڪيم!"

پچاڙيءَ جو اچي پاٽيپٽ پهتس، هزار ڏيڍ ماڻهو جيڪي ساڻم گڏ هئا، تن کي موڪلائي ڇڏيم. هتي ڪيئي مفتي، حاڪم، درويش ۽ حافظ اچي مون سان مليا.

محرم مهيني جي ويهين تاريخ هئي، صبح جو جمعي ڏينهن اذان آئي ته مولانا سراج الدين رڪوعي، مون کي اچي نماز لاءِ چيو. مون وراڻيو: تڪبير چئو ته آءٌ فرض ادا ڪريان. نماز پوري ٿي ته سيئي درويش مون وٽ آيا ۽ پڇيائون ته اوهان فرض ته پڙهيو پر سنت ادا ڇو نه ڪئي؟ تنهن تي مون کين ٻڌايو ته سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن مون کي فرمايو هو ته "اي شرف! مون پنهنجي سنت تو تان معاف ڪري ڇڏي". وري ان کان پوءِ جڏهن مون فرض ادا ڪندي چاليهه ورهيه پورا ڪيا ته: "خود خدا مون کي حڪم ڏنو ته تون اسان مان آهين. ان ڪري مون تو کي پنهنجا فرض بخش ڪري ڇڏيا". اوڏيءَ مهل مون شڪراني طور زمين تي مٿو ٽيڪيو (سجدو ڪيم)!.

ان کان پوءِ وري مير سيد علي متقي ۽ اهڙا ٻيا بزرگ آيا، جن به اهي سوال ڪيا. مون انهن کي به جواب ڏنو ته: آءٌ شاهه جي پناري ۾ آهيان، عارف رباني ٿي حضور جن وارو زهد اختيار ڪيو اٿم ۽ امام ابو حنيفي ڪوفيءَ جي اولاد مان آهيان، ۽ بيت المال مان گهٽو ڪجهه ڪيي خدا جي راهه ۾ خيرات ڏني اٿم، سو مون سان هرويرو هٺ نه اٽڪايو. اهو ٻُڌي سڀ هليا ويا. هونئن به مون وٽ ايترو علم هو جو ڪو به مون سان مُهاڏو ڏئي نه سگهيو. هوريان ڏاڍيان الاهي شوق ۾ اضافو ٿيڻ لڳو ۽ مريدن جي وڏڪار شروع ٿيندي وئي، جن ۾ بادشاهن کان وٺي درويش ۽ امير سڀ اچي ٿي ويا، جن ۾ سلطان جلال الدين، سلطان علاءُ الدين (خلجي)، خضر خان، آصف خان ۽ سيف خان وغيره شامل هئا، ۽ جيڪو به هن درويش (بو علي قلندر) ڏانهن رجوع پئي ٿيو پنهنجي مراد ماڻيندو ٿي رهيو.

منهنجي مريدن جي روحاني رسائي انهيءَ حد تائين هئي، جو ڪيترا تتل تنور اندر نماز پڙهڻ لڳا ته ڪيئي وهندڙ پاڻيءَ تي مصلو وڇائي نماز

Scanned by CamScanner

پڙهندا ٿي رهيا. جيتوڻيڪ ڪيئي بادشاهه ۽ سلطان منهنجي آستاني تي ايندا ٿي رهيا، ته به مون ڪنهن کان ڪو پئسو ڏوڪڙ ڪو نه پئي ورتو ڇو ته مون وٽ الاهي خزاني جي کوٽ ئي نه هئي، جيڪو هر وقت موجود پئي رهيو ۽ هر ڪنهن کي انهيءَ مان عطا ڪندو ٿي رهيس. سدائين اڏامڪ باز جيان پرواز پئي ڪيم، ڪڏهن مڪي ته ڪڏهن مديني ته ڪڏهن وري پاٽيپٽ ۾. تنهن کان سواءِ سواريءَ لاءِ به ڪيئي پلا گهوڙا هئم، جن تي چڙهي جهنگ جهر ۽ بَر بيابان وڙيندو ٿي رهيس ۽ خلوت ۾ به رڪعتون نماز جون ٿي پڙهيم، ڪڏهن جهرڪين جي گوڙ تي نماز جو ارادو ٿي ڪيم ته مستي طاري ٿي پئي ويم ۽ اها اُتي ئي رهجي ٿي وئي!

هڪ ڀيري جمعي جي رات ستين رمضان تي دل ۾ اڇي الاهي شوق جاڳيو. مولانا سراج الدين رڪوئيءَ کي چيم: "ابراهيم زڪريا نالي هڪ ڇوڪرو شهيدن جي پاڙي ۾ رهي ٿو ان کي وٺي اچ"! جڏهن ڇوڪرو سامهون آيو ته کيس هڪل ڪيم ته "اي گستاخ! تون ٻين هنڌن تي وڃي ڳائين ٿو پر مون وٽ ڇالاءِ نٿو اچين." پوءِ ڇيومانس! خدا جي ڏني مان ڪجهه ٻڌاءِ، جنهن تي هن ڇوڪري جنهن جي ڄمار چوڏهن سال هئي، هي غزل ڳائڻ شروع ڪيو:

ساربان با اشتران هم سربسر اقطار مست،

مير مست و خواجه مست و يار مست اغيار مست.

"اوٺي، اٺن جي وڳ سميت مستيءَ ۾ ته مير، مخدوم ۽ يار اغيار پنهنجي ليکي مست لڳا پيا هئا"

پڇاڙيءَ ان ڇوڪري کي پنهنجو جبو ۽ دستار ڏئي، دُعا ڪري اڏي ڇڏيم.

"حڪم نامه" اتي پورو ٿيو. ان کان پوءِ لکيل آهي ته:

جيڪو شخص هي "حڪم نامه" پڙهندو يا پاڻ وٽ سانڍي رکندو ته ڪڏهن به فقير (سڃو سکڻو) نه ٿيندو ۽ ڪو به دشمن کيس نقصان رسائي نه سگهندو ۽ سندس سڀ مُرادون پوريون ٿينديون. ڪيئي ماڻهو هن حڪمنامي طفيل برڪت ۽ دولت ڀريا ٿيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا مشڪل درپيش اچي ۽ ڪنهن به حيلي حل نه ٿئي ته هن حڪم نامي جي

Scanned by CamScanner

نيت هڪ مڻ ميدي ۽ گيهه مان لولا پچائي، ڏونئري سان مسڪين ۽ محتاجن ۾ ورهائي تہ سندس مشڪل معاف ٿي ويندي.

هن حڪمنامي تي پنهنجي پاران ڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ بدران شيخ محدث دهلويءَ جي يعني شيخ عبدالحق[۱] جي راءِ ڪافي سمجهي، ان تي اڪتفا ڪجي ٿي تہ اها داستان طرازي محض عوام جي اختراع آهي، جنهن کي من گهڙت چئجي ٿو. هن جي اصليت يعني سَچ ڪوڙ واري حقيقت ۽ حالت تاريخي انگن اکرن پيٽڻ مان پاڻ ئي پڌري آهي. ٻيو تہ هن ۾ نماز (سنت ۽ فرض) بابت جيڪي چيل آهي تہ خدا رسول پاران اهي ٻئي بو علي قلندر کي بخش ڪيون ويون، سراسر ڪفر ۽ الحاد ۾ اچي وڃي ٿو ڇو تہ نماز شريعت اسلاميءَ مطابق ايمان کان پوءِ اهم ترين ديني فرضن مان آهي. شيخ بو علي قلندر مڃانهون عالم ۽ درويش هو. شريعت توڙي طريقت ٻنهي تي پوريءَ ريت ڪاربند رهيو ايتري قدر جو اڄ تائين سندس ساک قائم آهي. پاڻ هڪ هنڌ پنهنجي مڪتوبات ۾ فرمائي ٿو:

برادرم اختيارالدين!

معلوم هجي تہ شريعت جي ٽڙ کي قبضي ۾ رکڻ ضروري آهي، جڏهن ان کي قابو ڪري جهليندين تہ انهيءَ مان طريقت جو گل ڦٽندو جنهن جي سرهاڻ چوڏاري پکڙجي ويندي، ۽ جنهن مان حقيقت اپري روح کي نفس کان الڳ ڪندي، پوءِ خودشناسي پيدا ٿيندي، جنهن جي انتها خدا شناسي آهي. ياد رهي تہ اهي سڀ مرحلا شريعت جي سمجهاڻيءَ سان طئي ٿيندا ويندا. وڏيڪ هي تہ فرض (نماز روزي وغيره) جا احڪام عاشق (الله تعاليٰ) جي طرفان ٿيل آهن. عقلمند ماڻهو دوزخ جي خوف ۽ بهشت جي اميد تي نماز روزي ۽ ٻين حڪمن جي پابنديءَ سان پيروي ڪندا آهن، ۽ سُنت معشوق (خدا جي رسول) جي آهي، جنهن جي پڻ پوئواري ڪرڻ لازمي سمجهي وڃي ٿي.[۲]

هن حقيقت مان چٽيءَ ريت پڌرو ٿئي ٿو تہ شيخ بو علي قلندر جي

---

(۱) الاخبار الاخيار 129، شيخ عبدالحق محدث دهلويؒ

(۲) مجلہ "دانش" فارسي شماره 23، اسلام آباد مضمون: ڊاڪٽر ساجد الله تفهيمي، ڪراچي يونيورسٽي

Scanned by CamScanner

وفات (۷۲۴ هه) کان پوءِ هڪ شخص غلام ياسين صدين جي فاصلي سان ١٦٣٦هه ۾ پنهنجي اختراع سان هڪ ڪتاب قلمبند ڪري ڏانهُن منسوب ڪيو جيڪو ورد وظيفي کان بہ وڌيڪ مفيد ۽ مجرب چاٽايو ويو آهي: جيتوڻيڪ ان ۾ اهڙي قسم جي ڪا بہ شيءِ موجود ناهي.

مون ڪجهہ وقت اڳ 1989ع ڌاري شيخ مغل ٻين جو رسالو "مقصود العارفين" فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جنهن ۾ پڻ سندس پوئلڳ شيخ عاري اهڙيون حڪايتون ۽ روايتون بيان ڪيون آهن. ان تي مون مختلف نوٽ ڏنا هئا. جن جي تاريخي اهميت واضح آهي:

قلندر قال اندر ڪئو ٻاهر نہ ٻولي،
حقيقت هولي، لايائين لاهوت ۾.[١]

(گرهوڙي: ١١٩٢هه)

---

(١) "مقصود العارفين" شيخ مغل ٻين، ص 51 ۽ 166، سنڌي ترجمو: نياز همايوني

Scanned by CamScanner

سوال (2) جي شروعات ۾ اهلِ قبور (قبر وارن) وٽان فيض وٺڻ بابت بيان هليو آهي، جنهن جي باري ۾ هتي ڪن ٻين هنڌن جا حوالا پڻ پيش ڪجن ٿا:

(1) همدان جي عين القضات ابوالعالي عبدالله بن بڪرالميان بابت روايت آهي ته سندس شاگردن مان سوين ولي ۽ مفتي ٿي گذريا آهن. پاڻ روزانو ستر شاگردن کي درس ڏيندو هو. ڪيس ڪيترا علم ڪشف ذريعي حاصل ٿيل هئا. سندس ولايت انهيءَ حد تائين هئي، جو هن جي شاگردن مان هڪ عالم فوت ٿي ويو. جنهن پٺيان هڪڙو ڪتاب ڇڏيو هو. ان ڪتاب جو ظاهري طرح.هڪ مسئلو حل نه پئي ٿيو ته هن اتي نشان ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪتاب ڪنهن ڪنڌ پاسي ڪري رکيائين. هڪ ڏهاڙي اتفاق سان اهو ڪتاب قاضي صاهب جي مطالعي هيٺ آيو. جڏهن انهيءَ حل نه ٿيل مسئلي تي نظر پيس ته ڪتاب ڪڇ ۾ ڪري سڌو فوت ٿيل شاگرد جي قبر تي آيو. ساڻس گڏ مريد ۽ شاگرد به چڱي تعداد ۾ اتي آيا هئا.

قاضي صاحب قبر جي مٿيءَ مان مُٺ پري اُن کان پڇا ڪئي: اي بخشيل روح! تو حياتيءَ ۾ جيڪو مسئلو حل نه ڪيو سو هاڻ مون کان پُڇ ته ان جي وضاحت ڪجي! اهو ٻڌي فوتي شاگرد قبر مان ٻاهر نڪري آيو. قاضيءَ کانئس سوال ڪيو: تون ڪيترا ڏينهن انهيءَ مسئلي حل ڪرڻ ۾ جاکوڙ ڪندو رهئين؟ هن ورائيو: مون کي مئي يارهن سال ٿي چڪا آهن، حياتيءَ ۾ اها آرزو هئم ته اهو مسئلو نيٺ ڪڏهن نه ڪڏهن حل ڪري وٺندس، ايتري ۾ موت مٿان اچي ويو ۽ اهو مسئلو اُتي ئي رهجي ويو.

قاضي موصوف اهو مسئلو بيٺي پير حل ڪري شاگرد کي دلجاءِ ڏئي واپس جاءِ تي هليو آيو. ساڻس گڏ جيڪي مريد ۽ شاگرد هئا، تن کي ڏاڍي اچرج لڳي ته ڪيئن مردو قبر مان نڪتو ۽ پنهنجو مسئلو مربي استاد کان حل ڪرائي ورتائين! (١)

---

(١) ملوڪ الڪلام، فارسي ترجمو: نياز همايوني، 82 – 83 سال 1977ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو

Scanned by CamScanner

(2) افلاطون (مشهور فلسفي) بابت بہ ائين ئي مشهور آهي تہ هن جا شاگرد سندس موت کان پوءِ ڪنهن ڳوڙهي مسئلي تي اچي منجهندا هئا تہ افلاطون جي قبر ڏانهن رجوع ٿيندا هئا. ائين انهن جو مسئلو حل ٿي ويندو هو!

(3) مير علي شير قانع ٺٽوي، پنهنجي ڪتاب "طومار سلاسل" ۾ مخدوم محمد معين (هن ڪتاب 'رسالہ اويسيہ' جي مؤلف) جي مرشدمخدوم ابوالقاسم ٺٽويءَ بابت بيان ڪري ٿو تہ:

حضرت خواجا ابوالمساڪين ٺٽوي، (سلطان اولياءَ خواجا محمد زمان جو پير مرشد) بن مخدوم محمد اشرف بن حضرت مخدوم آدم ٺٽوي پنهنجي وڏن جيان وڏي ڪماليت وارو هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ حضرت مخدوم ابوالقاسم جي تربيت ۾، ظاهري ۽ باطني علمن جي تڪميل ڪيائين. جڏهن مخدوم صاحب جي وفات جي مهل ويجهي آئي تہ سيني مريدن گڏجي ڪيس سندن پٽ شيخ ابراهيم ڪي امانت ڏيڻ لاءِ سفارش ڪئي، پر پاڻ خواجا ابوالمساڪين کي ياد فرمايائون، جو ان وقت موجود نہ هو. پوءِ وصيعت ڪيائون تہ ابوالمساڪين جڏهن واپس اچي تہ کيس منهنجي قبر تي اچڻ جو پيغام ڏنو وڃي. خواجا ابوالمساڪين جڏهن واپس آيو تہ مرشد جي مزار تي حاضر ٿي روحاني امانت حاصل ڪري آيو. خواجا ابوالمساڪين 9 – ذوالحج ١١٤٩ ھ ڌاري رحلت ڪئي هئي.[١]

علاما سيد محمود آلوسي حنفي، متوفي ١٢٧٠ ھ لکي ٿو:

اها ڳالهہ واقعي سچي آهي تہ: "ميت قبر ۾ ٻڌن ٿا." ان جون ٻہ صورتون آهن: پهرين اها تہ خدا جيڪڏهن ميت جي بعض جزن ۾ اهڙي قوت پيدا ڪري، جنهن کان هو خدا جي مرضيءَ موجب جڏهن گهري تہ سلام وغيره جو جواب ڏئي سگهي. انهيءَ ۾ هن جي لاءِ اها رڪاوٽ ناهي تہ هو مٽيءَ جي تهن اندر دفن ٿيل آهي ۽ سندس بدن جو پيچرو پرزا ٿي چڪو آهي. اهو شخص انهيءَ حالت ۾ بہ سڀ ڪجهہ ڪرڻ ۾ ويرم نہ وجهندو. جيڪو خدا جي قدرت مطابق جائز سمجهندو.

ٻي صورت هيءَ آهي تہ هن جي ٻڌڻ جو بدن بدران روح سان تعلق

(١) همايون پبليڪيشن، حيدرآباد.

Scanned by CamScanner

هجي، ان ۾ ڪابہ جهل ناهي تہ روح رڳو ڀڃي بلڪ بدن کان الڳ ٿيڻ بعد هو بدني قوتن کان سواءِ احساس ۽ ادراڪ بہ ڪري سگهي. اهو روح جتي بہ هوندو، صحيح قول جي بناء تي ان جو مرڻ کان پوءِ بہ بدن جي سڄي يا ڪنهن حصي سان لاڳاپو رهندو. ان جي ڪيفيت ۽ حقيقت صرف خدا ٿو ڄاڻي، ٻئي ڪنهن کي ڪل نہ پوندي.

روح جو بدن سان اهو لاڳاپو انهيءَ ڳانڍاپي کان الڳ آهي، جو کيس انهيءَ کان اڳ دنيا جي حياتيءَ ۾ تصرف ۽ تدبير طور حاصل هو. خدا پنهنجي اُها عادت جاري فرمائي تہ روح کي ٻڌڻ جي قوت عطا ڪيائين. جڏهن قبر جي زيارت ڪئي وڃي ٿي تہ خدا ان لاءِ اها قوت پيدا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن مڙهہ کي قبر ڏانهن کڻي ويندا آهن تہ اهو ٻڌندو رهندو آهي ۽ جڏهن کيس غسل ڏنو وڃي ٿو تڏهن بہ سڀ ڪجهہ ٻڌي ٿو.

ان تعلق ۽ ان قول مان تہ خود روح ۾ ٻڌڻ جي قوت موجود آهي، هي لازم نٿو ٿئي تہ انهيءَ عالم ۾ روح هر ٻڌڻ واري ڳالهہ ٻڌي سگهي، ڇاڪاڻ تہ روح ۾ ٻڌڻ وارين ۽ ٻين خاصيتون خدا جي مشيت جي تابع رهن ٿيون. سو جيڪي خدا گهري ٿو اهو ئي ٿئي ٿو ۽ جو نٿو چاهي، اهو نہ ٿو ٿئي. بس ميت جو ٻڌڻ ايستائين سمجهيو وڃي، جنهن جو ثبوت سمعي دليل آهي، جيئن سلام وغيره. ان لاءِ ٻيو ڪجهہ لازمي نہ آهي، جيئن چيو وڃي ٿو تہ ميت جو روح قبر جي ڪناري تي هوندو آهي ۽ ٻيو ڪجهہ قبر اندر اها خبر هئڻ گهرجي تہ ميت جي سماع (ٻڌڻ) جو دارومدار خدا جي مشيت تي آهي.

روح جتي بہ هجي يا ڪٿي ڪنهن هنڌ بہ ڇو نہ هجي، جيئن انهن ماڻهن جو خيال آهي، جيڪي ان (روح) جي تجرد جا قائل آهن. بهرحال ان جو بدن ۽ سماعت (ٻڌڻ) سان تعلق ثابت ٿيل آهي.

مولانا محمد قاسم نانوتوي، متوفي ١٢٩٧هہ چوي ٿو: ميت جي ٻڌڻ وارو قصو گهڻي اختلاف ۾ اچي چڪو آهي، ٻيو تہ ان جو ديني ضروريات ۽ ضروري عقيدن سان تعلق ناهي. اها خبر موت کان پوءِ ئي پوندي تہ ڪو ٻڌي ٿو يا نہ. جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ اسان ٻين جو سلام ڪلام ٻڌي ورتو تہ پوءِ سموري ڳالهہ جي اچ ٿي ويندي.

Scanned by CamScanner

هن سلسلي ۾ ٻنهي طرفن کان وڏا اڪابر آهن. جيڪڏهن هڪڙن جي طرفداري ڪئي ويندي تہ ٻين کي مٺيان لڳندي، ان ڪري اهلِ اسلام کي نٿو جڳائي تہ اهڙن مسئلن ۾ هروڀرو ايڏا پڪا ٿي بيهن جو ٻين کي باطل ڪري سمجهن.

غرض هي آهي تہ ميت جي ٻڌڻ جو مسئلو حديثن جي روشنيءَ ۾ ايڏو واضح سجهي ٿو جو جيڪي بزرگ ميت جي نہ ٻڌڻ تي زور ٻڌيو ويٺا آهن يا جن کي ميت جي ٻڌڻ جو منڪر سمجهيو ويو آهي، اهي بہ ڪلي طور سماع موتي (ميت جي ٻڌڻ) کان انڪاري نٿا ڏسجن.[1]

ان لاءِ شاهہ عبدالقادر دهلويءَ متوفي ١٢٣هہ حديثن جي حوالي سان نبيرو ڪيو آهي تہ ميت سلام جو تہ جواب ڏيندو آهي، پر ڪيترا ڀيرا ان سان خطاب پڻ ڪيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ميت جو روح ٻڌي ٿو پر قبر ۾ پيل ڌڙ (مڙهہ) ڪونہ ٿو ٻڌي.

حافظ ابن ڪثير (عمادالدين اسماعيل بن عمر (٧٠١-٧٧٤هہ) لکي ٿو:

حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم طرفان امت جي لاءِ هي حڪم ثابت آهي تہ جڏهن قبر وارن کي سلام ڪن تہ اهڙيءَ طرح جيئن مخاطب کي سلام ڪيو وڃي ٿو. سلام ڪرڻ واري کي اوڏيءَ مهل هيئن چوڻ کپي تہ:

اي مؤمنن جي وستيءَ ۾ رهڻ وارؤ! اوهان تي سلام هجي. هي خطاب ان لاءِ آهي، جيڪو ٻڌي ۽ سمجهي ٿو. سمورا سلف صالحين اِن راءِ جا آهن تہ جڏهن بہ ڪو جيئرو ڪنهن مُئي جي قبر تي وڃي سلام ڪري ٿو تہ ميت ان جو آواز سڃاڻي ٿو وٺي ۽ ان جي اچڻ تي خوش ٿئي ٿو.

ابن ڪثير ان بحث جي پڇاڙي هن ريت ڪري ٿو تہ ميت جي قبر تي وڃڻ کان پوءِ سلام، خطاب ۽ سڏ انهيءَ موجود لاءِ آهي، جيڪو ٻڌي ٿو ۽ خطاب پڻ ان سان ڪجي ٿو جو واقعي سمجهي ٿو. اهو سلام جو جواب ڏئي ٿو جيتوڻيڪ سلام ڪرڻ وارو ميت جو ڏنل جواب نٿو ٻڌي سگهي. وڌيڪ خدا بهتر ٿو ڄاڻي. حافظ ابن القيم متوفي ٧٥١هہ ساڳي عبارت دهرائيندي چوي ٿو: تحقيق نبي سڳوري پنهنجي امت لاءِ شرعي

---

(١) ڪتاب سماع الموتيٰ، مولانا محمد سرفراز صدر شيخ الحديث جي مطالعي ۽ حوالي سان

Scanned by CamScanner

طور حڪم ڪيو آهي تہ جڏهن قبر واري کي سلام ڪن تہ اهڙيءَ ريت، جيئن مخاطب کي سلام ڪيو ويجي ٿو.

ياد رهي تہ:

حافظ ابن ڪثير ۽ حافظ ابن القيم پنهنجي وقت ۾ موحدن جا سربراهہ هوندا هئا. هنن کي جنهن بہ شيءِ بابت شرڪ يا ذريعہ شرڪ جو ٿورو گهڻو شڪ پوندو هو تہ پاڻ هڪدم صاف ۽ صريح لفظن ۾ نهايت بيباڪيءَ سان جاندار لفظن ۾ ان کي رد ڪري ڇڏيندا هئا.

Scanned by CamScanner

علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح

ولادت: ١٠ ربيع الاول ١١٠۴ ھ مطابق نومبر 1692ع
وفات: ۴ رجب ١١٧۴ھ مطابق 9 فيبروري 1771ع

مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان سنڌيءَ جو برگزيدن عالمن ۽ فقيهن ۾ شمار ٿئي ٿو. سنڌ ۾ ٺٽي کي جيڪڏهن علم حڪمت جي کاڻ ڪوٺيو وڃي تہ بيجا نہ ٿيندو جتان علم جا اهڙا ستارا اڀريا، جن جي برتري سنڌ سان گڏ پرڏيهہ ۾ بہ تسليم ڪرڻ ۾ آئي.

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ٺٽو علم، فن ۽ معارف جو گھوارو بڻجي چڪو هو. مخدوم محمد هاشم بہ انهيءَ دؤر جو زبردست عالم دين هو جنهن مخدوم محمد عارف ۽ مخدوم ضياءالدين وٽان تعليم جي تحصيل ڪئي. پندرهن ورهين جي ڄمار تائين مروج علم جي تڪميل ڪري وڌيڪ اڪتساب لاءِ حرمين شريفين ويو ۽ اتان جي عالمن ۽ فقيهن کان حديث ۽ فقه جو فيض حاصل ڪري، ١١٣٥ھ مطابق آگسٽ 1723ع ۾ حج بيت الله کان مشرف ٿيو. ان کان پوءِ ١٢ رجب ١١٣٦ھ مطابق 26 مارچ 1724ع ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي روضي تي حاضري ڀريائين.

هن ڀلاري کي تفسير ۽ حديث تي پوري دسترس حاصل هئي.

ديکھني کي چيز تهي شاهد سر تاريخ علم
عزو شان – حضرت مخدوم هاشم ٹھٹوي
جهوم اُٹھي تاريخ خود اس مصرعہ تاريخ پر
علم دان بهي، مرد صالح بهي، فقيه عصر بهي! (*)
١١٧۴ھ

---

(١) اقتباس از ڪتاب:"جلوه خورشيد حرم: خان شاهد اڪبر آبادي، "العلم" سماهي، ڪراچي، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر 1992ع

Scanned by CamScanner

اويس قرني رحمت الله عليہ

شيخ فريدالدين عطار تذڪره الاولياءَ ۾ لکي ٿو: حضور نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو: منهنجي امت ۾ هڪ اهڙو شخص موجود آهي، جنهن جي قيامت جي ڏينهن گهٽي کان گهٽي شفاعت ٿيندي. اصحابن پڇيو اهو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: خدا جي بندن مان هڪ بندو آهي. اصحابن چيو: اسان سڀ خدا جا بندا آهيون، انهيءَ بندي جو نالو ڇاهي؟ جواب ڏنائون: اويس. اصحابن وري پڇيو: ڀلا اهو ڪٿي آهي. پاڻ وراڻيائون: قرن ۾.

ان کان پوءِ اصحابن چيو: ڀلا ان شخص اوهان سڳورن کي ڏٺو آهي؟ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن چوڻ لڳا تہ هن مون کي ظاهري اکين سان ڪونہ ڏٺو آهي. اهو ٻڌي اصحابن چيو: اوهان جو ايڏو عاشق، تنهن هوندي بہ اوهان کان ايترو پري، عجب آهي! نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جواب ڏنو ان جا ٻہ سبب آهن: هڪ تہ هن تي حال غالب ٿو رهي ۽ ٻيو هي تہ اهو شريعت جي تعظيم سبب پنهنجي نابينا ۽ بيمار ماءُ جي خدمت ۾ مصروف ٿو رهي. وڌيڪ چيائون اهو شخص (اويس) اٺ چاريندو آهي، اتان ڪيس جيڪا مزدوري ملي ٿي، تنهن مان پنهنجو ۽ ماءُ جو گذران ڪندو رهي ٿو.

انهيءَ مجلس دوران اصحابن سوال ڪيو: "اي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم! اسان مان انهيءَ شخص کي ڪو ڏسي سگهندو؟" پاڻ حضرت ابوبڪر صديق ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون "تہ تون ان کي نہ ڏسندين، ليڪن عمر ۽ علي کيس ڏسندا." پوءِ چيائون اهي جڏهن اويس قرنيءَ کي ڏسن تہ کيس ائين چون تہ "منهنجي امت جي حق ۾ دعا ڪري". اويس قرني يمن جي وستي قرن جو رهاڪو هو ۽ قرن قبيلي سان تعلق هيس. سندس شهادت ٣٦ھ ڌاري جنگ صفين ۾ ٿي هئي.

روايت مشهور آهي تہ جنگ احد ۾ رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو هڪ ڏند شهيد ٿيو هو. اها خبر اويس قرنيءَ تائين پهتي تہ انهيءَ ارمان ۾ پنهنجي ٻتيهي ڪيرائي ڇڏي هئائين.

Scanned by CamScanner

اويس قرنيءَ جي پاڙيسرين کان نقل آهي تہ اسان ان کي چريو سمجهندا هئاسين، پچاڙيءَ جو کيس رهڻ لاءِ جڳهہ ٺهرائي ڏني وئي، جنهن مان هڪ سال کان پوءِ ٻاهر ايندو هو. وٽس اهو ڪين هوندو هو جو روزو کولي سگهي. ڏينهن جون ڪارڪون چونڊي رات جو وڪڻندو يا صدقو ڪندو هو. کيس بدن تي پراڻا ڪپڙا هوندا هئا، اهي ڦاٽندا هيس تہ سبي وري پائيندو هو.

اوڙي پاڙي جا ٻار کيس ڏاڍو ستائيندا ۽ پٿر هڻندا هئا، جن کي نيزاري ڪري چوندو هو ٻيلي! منهنجون پنيون سنهيون آهن، سو مون کي ننڍيون پٿريون هڻندا ڪريو جيئن رت نہ وهي ۽ مان نماز کان نرهہ نہ ٿي وڃان! چون ٿا تہ عمر جي پچاڙيءَ ۾ پاڻ حضرت عليءَ وٽ ويو، جنهن کيس جنگ صفين ۾ آندو جتي شهيد ٿي ويو.

صوفين ۾ هڪ طبقو آهي، جيڪو "اويسي" ڪوٺائي ٿو. هنن کي ظاهري مرشد جي ضرورت نہ هوندي آهي. هي بہ ائين روحاني فيض حاصل ڪن ٿا، جيئن اويس قرني حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان پريٽ فيض حاصل ڪندو ٿي رهيو. انهيءَ رتبي جي ڪري اويس قرنيءَ کي وڏو درجو مليل هو. جيڪو عظمت جو مقام ليکجي ٿو. خدا جنهن کي چاهي اهو رتبو عطا ڪري ٿو.[1]

---

(۱) "تذڪرہ الاولياء"، شيخ فريدالدين عطار فارسي، تصحيح متن، توضيحات ۽ فهرستون (فهارس): ڊاڪٽر محمد استعلامي.

’سُندس‘ _ جنت جو لباس

پنجين صدي ق. م جي يوناني تاريخ نويس هيرو ڊوس ’سُندس‘ نالي هڪ ڪپڙي جو ذڪر ڪيو آهي، جو سندن قول مطابق مصر، بابل ۽ يونوچ سمنڊ جي اپرندي ڪناري وارن ملڪن ۾ استعمال ٿيندو هو. انهيءَ ڪپڙي بابت اشور بيني پال جي لاءِ تيار ڪيل پراڻين بابلي ڦرهين ۾ پڻ چار پيرا هڪ بيان آيل آهي. انجيل مقدس مطابق جڏهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ميت صليب تان لاٿائون تہ ان کي سٺيءَ جي ڪپڙي ’سنڌن‘ ۾ ويڙهي تابوت اندر رکيو ويو.

قرآن حڪيم ۾ پڻ اهو ارشاد آهي تہ: بيشڪ پاڪباز سلامتيءَ واري هنڌ ويٺل هوندا، چشمن جي پرسان، باغن ۾. انهن کي ’سُندس‘ ۽ ريشم جا ڪپڙا پهرايا ويندا.

عالمن جي بحث مان ثابت آهي تہ: ’سنڌن‘ ۽ ’سُندس‘ نالي ذڪر هيٺ آيل اهو ڪپڙو آڳاٽي زماني ۾ سنڌ اندر تيار ٿي، ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڪري لاءِ ويندو هو.

لفظ ’سنڌن‘ ۽ ’سندس‘، ’سنڌڻ‘، جو بدليل روپ ٻڌايو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ سنڌ ۾ تيار ٿيل يا سنڌ جو ڪپڙو آهي.[1]

---

(١) وڌيڪ لاءِ ڏسو جناب ڊاڪٽر نبي بخش جي، قاضيءَ جو تحقيقي مضمون، سماهي مهراڻ، ص 65، نومبر 3، 1968ع

غزوه بدر

حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم غزوه بدر ۾ ڪافرن کي شڪست ڏئي، انهن مان ستر ڄڻن کي جهنم رسيد ڪرڻ کان پوءِ چوويهن وڏن ڪافرن جا لاش بدر جي کوهہ ۾ ڦٽي ڪرائي ڇڏيا. ٽن ڏينهن کان پوءِ پاڻ انهيءَ کوهہ جي مٿان ويا ۽ ان جي ڪنڌيءَ تي بيهي کوهہ ۾ ڦٽو ڪيل هرهڪ ڪافر جو نالو ان جي پيءُ جي نالي سميت وٺي فرمايائون: ڇا اها ڳالهہ اوهان کي دل سان لڳي ٿي تہ توهان دنيا ۾ خدا ۽ خدا جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو ها. اسان سان اسان جي خدا جيڪي واعدا ڪيا، اهي برابر پورا ٿيا ۽ اوهان سان بہ سزا ۽ جزا جا جيڪي واعدا ٿيل هئا، اهي پڻ پورا ٿي چڪا يا رهجي ويا؟

اهو ٻڌي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنها عرض ڪيو تہ "يا رسول الله! اوهان انهن سان ڪيئن ٿا ڳالهايو جن ۾ روح ئي نہ رهيو آهي."

پاڻ ڪريم جن جواب ڏنو:

"ان پروردگار جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، تون اها گفتگو جيڪا مان انهن سان ڪري رهيو آهيان، انهن کان وڌيڪ نٿو ٻڌين! علامہ عبدالعلي بحر العلوم الحنفي، متوفي، ١٢٣٥ھ لکي ٿو: اهو چوڻ تہ ميت نٿو ٻڌي، باطل آهي، ڇو تہ صحيح حديث مان ثابت ٿئي ٿو تہ ميت دفن ڪرڻ وارن جي جُتين جو ڪڙڪو جيئرن کان وڌيڪ ٻڌي ٿو. جناب رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم انهن ڪافرن سان جن کي بدر جي کوهہ ۾ اڇلايو ويو هو خطاب ڪري چڪا هئا. پڇاڙيءَ پاڻ اهو بہ فرمايو هئائون تہ کوهہ ۾ اڇلايل اهي ڪافر سخت عذاب ۾ مبتلا هئڻ جي ڪري ڪوبہ جواب ڏئي نٿا سگهن.[١]

(١) سماع الموتيٰ، مولانا محمد سرفراز صفدر ص 211 217.

Scanned by CamScanner

سوال (٣) جي شروعات.

ابو يزيد طيفور بن عيسيٰ بسطامي: (٢٦١ ﻫ) (بايزيد بسطامي)

قصد ابو يزيد البسطامي قدس الله تعاليٰ روحه بعض من وصف الولايه فلماوافي مسجده، قعد ينتظر خروجه فخرج الرجل رميٰ بزاقه تجاه القبله فانصرف ابو يزيد ولم يسلم عليه – وقال هٰذا رجل غير مامون عليٰ ادب من آداب الشريعه فكيف يكون امينا علي اسرارالحق! (١)

---

(١) اصل عبارت نفحات الانس، مولانا جامي، ص6.

Scanned by CamScanner

سوال(۴) پيچاړي

اصل عبارت

واما فائفي دوم آن جماعت اند. ک بعد از وصول بدرجہ کمال حوالۂ تکميل رجوع بخلق بہ ايشان نرفت وغرقہ بحر جمع گشتند و درشکم ماهي فنا چنان ناچيز و مستهلک شدند ک از ايشان هرگز خبري واثري بہ ساحل تفرقہ ناحيت بقا نہ رسيده و در سلک زمره سکان قباب غيرت و قطان ديار حيرت انخراط يافتند و بعد از کمال وصول ولايتہ تکميل ديگران بايشان موش نہ گشتہ[۱]

(۱) نفحات الانس، ص ۹، مقدمات و اصول، مولانا جامي

Scanned by CamScanner

سوال (۴) پڇاڙي

حافظ شيرازي (متوفي ۷۹۱ ھ)

خواجا شمس الدين محمد حافظ شيرازي رحه لسان الغيب، ترجمان اسرار پاڻ اهڙا غيبي اسرار ۽ حقيقي معنائون مجازي صورت ۽ لباس مان ظاهر ڪيائون، جو ان تي عقل حيران پيو ٿئي.

سندس سلوڪ مان اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ ڪهڙي بزرگ جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائين ۽ ڪهڙي مسلڪ سان تعلق هئس. جيئن "رسالہ اويسيہ" ۾ آيل آهي. خواجگان جي سلسلي مان هڪ بزرگ جو چوڻ آهي تہ شاعريءَ ۾ ڪوبہ ديوان، "ديوان حافظ" جي مَٽ ٿي نہ ٿو سگهي. سندس شاعري ايڏي مقبول، مشهور ۽ مٿانهين آهي، جو ان ڪي ڏسندي هن صاحب دل انسان ۽ انسان دوست شاعر جي ذات بابت ڪنهن پڇا ۽ پڇار جي ڪابہ ضرورت محسوس ڪانہ ٿي ٿئي[1]

حافظ جا ٻہ شعر:

گرت هو است ڪہ باخضر همر نشين باشي
نهان ز چشمر سڪندر چو آب حيات باش.

(جيڪڏهن خضر عليه السلام سان همر نشين ٿيڻ ٿو چاهين تہ آب حيات جيان سڪندر کان لِڪل رهہ!)

شبان وادي ايمن گهي رسد بہ مراد
ڪ چند سال بجانِ خلمتِ شعيب ڪند

(يمن جو ڌنار تڏهن من جي مرادَ ماٽيندو جڏهن ڪي سال شعيب جهڙي شخصيت جي خدمت ڪندو)

---

(۱) نفحات الانس، مولانا جامي، ص 614.

Scanned by CamScanner

توحيد وجود (وحدت الوجود) ص ٣٣

الاهي انوار ۽ تجليات جو پرتوو جنهن سالڪ جي رت جي هر قطري کي رشڪ آفتاب بڻائيندو آهي، سو پنهنجو پاڻ کي بلڪ سموري ڪائنات ۾ ان جي هرذري کي نور وانگر ڏسندو پسندو آهي. ڪيس انوار ايزدي کان علاوه ٻي ڪابہ شيءِ نظر نہ ايندي آهي. جيئن سج جي اڀرڻ کان پوءِ ستارا تہ موجود آهن، پر جيڪڏهن ڪو شخص بصيرت جي قطع نظر پنهنجي بصارت جي فيصلي مطابق ان حقيقت کان انڪار ڪري ۽ ائين چوي تہ ڪوبہ ستارو موجود ناهي، صرف سج ئي سج آهي تہ انهيءَ شخص جو اهو قول بہ پنهنجي جاءِ تي صحيح ليکيو ويندو. بلڪل ائين ۾ اهڙي مخصوص حالت ۾ سالڪ تجليات ايزديءَ ۽ انوار سرمديءَ کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي نٿو ڏسي. انهيءَ عالم ۾ هو پنهنجي وجود، شجر، حجر، چرند، پرند، ماڳ مڪان، پهاڙ ۽ بحر و بر ۾ مدهوشيءَ دؤران همہ اوست (سڀ ڪجهہ اهو آهي) جو نعرو هڻي ٿو [١]

هر چہ بديديم، نديديم بجز دوست
معلوم چُنين شد ڪہ دگر نيست، "همہ اوست"

(جيڪي ڏٺوسين سواءِ دوست جي ڪجهہ نہ ڏٺوسين، ائين ئي معلوم ٿيو تہ ٻيو ڪي بہ ناهي، سڀ اهو ئي آهي)

-

(*) مضمون: محترم ڪريم بخش خالد، "سچل سائين"، ص 35، شعبہ مطبوعات محڪمہ تعلقات عامہ، حڪومت سنڌ، جون 1984ع

Scanned by CamScanner

راڳ (سماع) بابت ص ٣۴

ڪن بزرگ عالمن اعتدال جي حد تائين موسيقيءَ ۾ دلچسپي ورتي آهي. ان باري ۾ حضرت شاهه عبدالعزيز دهلويءَ (١٢٣٩هه) بابت روايت آهي تہ:

هڪ قوال پنهنجي نئين چاولن ٻار ڪي نالي رکڻ واسطي شاهه صاحب جي خدمت ۾ ڪٺي آيو. شاهه صاحب ان ٻار جو نالو تجويز ڪرڻ کان پوءِ قوال کي چيو تہ اسان کي ڏناسريءَ مان ڪجهه ٻڌاءِ. جنهن تي قوال شاهه صاحب جي مدرسي ۾ راڳ ڳايو. وري قوال ٻيو راڳ شروع ڪيو تہ پاڻ ڪيس حڪم ڪيائون تہ ساڳيو ئي سر ڏناسري ٻڌاءِ.

مفلوظات جي انهيءَ عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه صاحب موسيقيءَ ۾ ڪافي دسترس ۽ دلچسپي رکندو هو ۽ انهيءَ فن ۾ مرجع خلائق هو.

خوش قسمتيءَ سان موسيقيءَ جي فن تي شاهه صاحب جو تصنيف ڪيل رسالو "سنگيت شاستر" رامپور جي رضا لائبريريءَ جي فارسي ملفوظات جي فهرست ۾ 1866 نمبر ۾ داخل ٿيل مليو آهي، جنهن ۾ ٽي (3) باب ۽ ٻارنهن فصل آهن.

چيو وڃي ٿو تہ شاهه صاحب کي هن فن سان اوائلي زندگيءَ ۾ دلچسپي هئي، پر پوءِ جڏهن سندس علمي ۽ ديني مصروفيتون وڌي ويون تہ پاڻ انهيءَ پاسي گهٽ ڌيان ڏيڻ لڳا. ان لاءِ اها ڳالهه باور ڪرڻ ۾ اچي ٿي تہ اها تصنيف "سنگيت شاستر" جوانيءَ واري دؤر ۾ ڪئي هئائون. بهرحال اهو رسالو شاهه صاحب جي تصانيف مان هڪ اهم تصنيف آهي، جنهن مان موسيقيءَ جي فن سان سندن دلچسپي ظاهر ٿئي ٿي.

---

(١) الرحيم سماهي، سنڌي، مضمون: پروفيسر عضدالدين، سنڌيڪار قريشي حامد علي خانائي ص 24، نومبر 2 1968ع

Scanned by CamScanner

ابو القاسم جنيده بن محمد جنيد بغدادي رح (٩٢٨ھ)

جنيد بغدادي وڏو صوفي ٿي گذريو آهي، ڪيس علمائن جو سر مور سڏيو ويچي ٿو. پاڻ ٽيهہ حج پيرين پنڌ ڪيا هئائين. سندس وفات 910ع ۾ ٿي هئي. "الطاف القدس" جي بيان موجب اصحاب ڪرام ۽ تابعين جي زماني گذري وڃڻ کان پوءِ ڪي ماڻهو اهڙا پيدا ٿيا، جيڪي تعمق ۽ تشدد ۾ وڃي پيا. شريعت ۾ احتياط ۽ ڪسر نفسيءَ کان ڪم وٺڻ جي ڳالهہ اڳ ۾ ئي انهن جي ڪنين پئي هئي، ان ڪري هنن هر مرض لاءِ وزن جي رعيت رکڻ ۽ پوري تشخيص ڪرڻ کان سواءِ دوا تجويز ٿي ڪئي. سندن چوڻ هو تہ انسان جو پنهنجو نفس، هن جون عادتون ۽ رسمون ئي آهن، جي کيس خدا جي قرب کان روڪين ٿيون. شهوي ۽ سبعي نفس کي ٽوڙڻ لاءِ ئي پاڻ پتوڙڻ گهرجي. ان جي نتيجي ۾ انهن جماع ڪرڻ، لذيذ طعامن کائڻ ۽ ان جي ڪپڙن پهرڻ کي ترڪ ڪري ڇڏيو. انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ ۾ هنن ايتري قدر تہ زيادتيءَ کان ڪم ورتو جو بنهہ بند ۽ نستا ٿي ويا ۽ نفس جي جائز تقاضائن جي پوري ڪرڻ کان بہ پري رهيا.

ان هوندي بہ هنن نفس جي زندگانيءَ جون ڪجهہ ضرورتون پوريون پئي ڪيون، مثال طور ڪڙي دوا ڪتب آڻڻ تہ جيئن بدن قائم رهي ۽ قتي خراب نہ ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ذات تي فخر ڪرڻ لڳا. سياحت اختيار ڪيائون ۽ پنهنجي نفس کي اهڙن ڪمن ۾ لڳائي ڇڏيائون، جنهن سبب ناموس طلبي، غلبي، پائڻ جو شوق ۽ مال زر ڪٺي ڪرڻ جو حرص بلڪل وساري ڇڏيائون. هميشہ بيابانن ۾ زندگي گذاريندا هئا ۽ موت کي پاڻ تي لازم ڪري ورتو هئائون. انهن جو دنيا جهان سان ڪوبہ ڪم نہ رهيو نہ وري دنيا جهان جو ڪو انهن سان واسطو رهيو.

هي پنهنجي ادراڪي قوت جي رياضت ڪرڻ لڳا تہ جيئن ذڪر جي معنيٰ کان سواءِ ئي ڪنهن شيءِ جو ڪين ضرور پيدا نہ ٿئي ۽ نفس جي ڳالهہ دل تي نہ گذري. عبادات ۽ معاملات جي باري ۾ فقيهن جي

Scanned by CamScanner

اختلاف کان ٻاهر نڪري اچڻ ۽ شبهات کان پري رهڻ کي انهن پنهنجو مقصد (مطمح نظر) بڻايو. عبادتن ۾ پنهنجو وقت ايترو تہ صرف ڪيائون، جو ان کان وڌيڪ تصور ۾ نتو آڻي سگهجي. غرض تہ اهو سارو تصرف عوام جو هو تہ بي ترتيب رياضتون ڪندا رهن ۽ اول توڙي آخر ۾ ڪنهن بہ رستي کي سڃاڻي نہ سگهن ۽ ڪين ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوي.

پهريون شخص، جنهن هن قاعدي جو بنياد وڌو سو حارث محاسبي (متوفي ٨٥٧هـ) هو. مٿي ڄاڻايل سخت رياضتن ڪرڻ سان انهن مان ڪي پاڻ اندر سفلي ملائڪن جهڙي حالت پيدا ڪندا هئا. ڪن کي وري الهام ٿيندو هو تہ ماڻهن جي ڪمن ۾ اهڙيءَ طرح تصرف ڪن، جهڙيءَ طرح سفلي ملائڪ ڪن ٿا. انهن کي "ابدال" سڏيو ويندو هو. ڪن کي اهڙو الهام تہ نہ ٿيندو هو البتہ ڪجهہ مثالي قوتون ڪڏهن ڪڏهن منجهن ظهور ڪنديون هيون. ان جي نتيجي ۾ ڪين ڪشف، صحيح جواب، غيبي آواز جو ٻڌڻ، زمين کي جلدي طئي ڪري وڃڻ ۽ پاڻيءَ تي هلڻ حاصل ٿي ويندو هو. حضرت جنيد بغدادي پهريون شخص هو جنهن هن تعمق کان ٻاهر نڪري وڃڻ واري راهہ اختيار ڪئي. هن هر رياضت کي صحيح هنڌ رکيو. ان کان پوءِ جو بہ صوفي آيو سو ان جي ئي رستي تي هليو.

"قوت القلوب" جو مصنف ابو طالب مڪي متوفي (996ع) جيڪو صوفين ۾ ابو حنيفہ جو درجو رکي ٿو تنهن بہ جنيد رحہ جي طريقي کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي، پر انهيءَ سان گڏ منجهس حارث محاسبيءَ جو طريقو بہ ڪجهہ قدر ملائي ڇڏيو آهي. ان زماني ۾ تصوف تشدد کان صفا خالي نہ ٿيو هو وڌيڪ خدا کي خبر آهي.

جنيد بغدادي رحہ جي سلوڪ (طريقي) جو بنياد پنجن لطيفن جي تهذيب تي رکيل آهي، جيڪي هي آهن.

(i) نفس، (ii) قلب، (iii) عقل، (iv) روح، ۽ (v) سرُ

انهن مان هرهڪ کي سڌارڻ (مهذب بنائڻ) جا خاص طريقا بيان ڪيا ويا آهن، جن جون الڳ الڳ خاصيتون ڄاڻايون وڃن ٿيون.[١]

---

(١) پوري تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ الطاف القدس "شاهہ ولي الله".

سنڌي ترجمو: پروفيسر غلام حسين جلباڻي، پڙهيو وڃي.

رسالہ اويسيہ جو ڪاتب
مخدوم محمد عارف سنائي

مخدوم محمد عارف ولد محمد افضل شهر سن جو ساڪن هو. مخدوم عبدالواحد سيوهاڻيءَ (۱۲۲۴ھ) جو همعصر معلوم ٿئي ٿو. هي ان دؤر جي دستور مطابق علم فقه جو وڏو ڄاڻو ۽ فقهي تحريرن ۾ ماهر هو. سندس ڪيتريون علمي تحريرون موجود آهن. جيڪي هن جي علمي بحر جي ساک ڏين ٿيون.

مخدوم محمد عارف جي فقهي تحريرن جو هڪ بياض بہ دستياب ٿيو وڃي ٿو. دارالهديٰ نيڙهي شريف جي مدرسي ۾ "المتانته في مرمت الخزانه" تاليف مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ جو هڪ قلمي نسخو موجود اهي، جنهن جي ڪتابت پڻ مخدوم محمد عارف ڪئي هئي. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هي نوٽ لکيل آهي:

تمت نسخته الشريفه ڪتاب متانه الروايات من يدالفقيرالحقير الراجي اليٰ رحمته الله العزيز الغفار محمد عارف بن محمد افضل سڪنہ قصبہ سن في التاريخ عزه شهر ربيع الآخريوم الاثنين وقت الضحيٰ سنہ ۱۲۲۲ھ.

هن تي ڪاتب (محمد عارف) جي مهرپڻ لڳل آهي، ان ساڳئي صفحي جو عڪس، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ڪتاب "المتانه" جي مقدمي ۾ اچي چڪو آهي.[۱]

رسالہ اويسيہ جو نسخو جيڪو مخدوم محمد عارف سنائيءَ جو ڪتابت ڪيل آهي، اُهو ان حوالي سان بہ اهم آهي، تہ نہ رڳو اُن ۾ ڪتابت جو سن (۱۲۳۰ھ) ڏنل آهي، پر مخدوم معين جي وفات کان 70 سال پوءِ جو ڪتابت ڪيل آهي.

(*) علاما غلام مصطفيٰ قاسمي، "مشاهير سنڌ"، سماهي الرحيم سنڌي، ص 182، جولاءِ 1988ع، شاهہ ولي الله اڪيڊمي، صدر حيدرآباد، سنڌ.

Scanned by CamScanner

موت کان پوءِ حياتي

هن رسالي ۾ علامہ سيد محمود آلوسيءَ واري بيان دؤران مولانا محمد قاسم نانوتوي، متوفي (١٢٩٧ھ) جي راءِ نقل ڪيل آهي، جنهن ۾ پاڻ فرمائين ٿا:

اها خبر موت کان پوءِ پوندي تہ ميت واقعي ٻڌي ٿو يا نہ؟ جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ اسان ٻين جو سلام ڪلام ٻڌي ورتو تہ پوءِ سموري ڳالهہ جي اُچ ٿي پوندي.

هن سائنسي دؤر ۾ موت ۽ حياتيءَ بابت ڪافي کوجنا ڪئي وئي آهي، جنهن موجب 1975ع ڌاري هڪ مغربي مفڪر ۽ معالج ڊاڪٽر ريمنڊ موڊي جڏهن "حياتيءَ کان پوءِ حياتي" نالي ڪتاب لکي پڌرو ڪيو تہ ان کي پڙهندي ماڻهن ۾ موت بابت هڪ نيارو تصور پيدا ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪتاب ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ اهڙن ماڻهن جو احوال ڏنل آهي، جن کي ڊاڪٽرن چڱيءَ طرح چڪاس ڪرڻ کان پوءِ مري ويل قرار ڏنو هو پر اهي ٿوري عرصي کان پوءِ وري موت جي حدن کان واپس اچي چڪا هئا.

ڊاڪٽر موڊي آمريڪا جي مختلف اسپتالن مان ان قسم جي (مري زنده ٿيل) ڏيڍ سؤ پروسي جوڳن ماڻهن جو رڪارڊ هٿ ڪري، انهن سان پنهنجي جاءِ تي ملندو رهيو جتان هن کي اها حيرت انگيز معلومات ملندي وئي. جنهن کي هن ڪتابي صورت ۾ آڻي، ٻين لاءِ حقيقت واضح ڪري ڇڏي تہ مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ تي ڇا ٿو وهي واپري!

ڊاڪٽر موڊي جڏهن جاچ دؤران مختلف ماڻهن کان پڇيو تہ مرڻ گهڙيءَ کين ڇا پئي محسوس ٿيو تہ جواب ۾ سڀني ماڻهن پنهنجا تاثر ۽ تجربا بيان ڪيا، جن ۾ گهٽ ڪري ڪو تفاوت نظر نہ آيو ۽ سڀني ۾ هڪجهڙائي هئي. انهن بيانن مان اهو عام تصور درست نہ ٿو ٿئي تہ مرڻ مهل ماڻهن کي ڪوبہ هوش يا شعور ڪونہ هوندو آهي، ٻي معنيٰ ۾ انهن کي مرڻ مهل برابر ڪنهن حد تائين هوش يا شعور ٿئي ٿو.

Scanned by CamScanner

تصوف ۽ روحانيت جي قائل ڪتابن ۾ اهو چاٽايل آهي تہ موت هڪ وڏي پُل مثل آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي عارضي حياتيءَ کان ابدي حياتيءَ ڏانهن رواني ٿيڻ يا اُسهڻ لاءِ ٽپي پار ڪرڻي پوي ٿي.

ڊاڪٽر موڊي مرڻينگ حالت ۾ مشاهدن ماڻيندڙن سان ڪن جو بيان هن ريت قلمبند ڪيو آهي، جيڪو نهايت دلچسپ لڳي ٿو.

• هڪ عورت بيان ٿي ڪري تہ اسپتال ۾ آپريشن هلندي منهنجي دل بلڪل بيهجي وئي هئي، جنهن تي ڊاڪٽرن ان کي تحرڪ ۾ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ائين ڪندي منهنجون اکيون جيتوڻيڪ بند هيون، تڏهن بہ سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي رهي هيس. مثال طور ڊاڪٽرن اوڏيءَ مهل ڪنهن کي پئي ٻڌايو تہ هيءَ مري چڪي آهي، هن کي هاڻ اهڙو ڪوبہ سور يا ڪابہ تڪليف ڪانہ پئي ٿئي، جيڪا ٿوري دير اڳ نهايت شدت سان محسوس ٿي ڪيائين.

اهڙيءَ ريت ٻين مرڻينگ ماڻهن جيان جيڪي انهيءَ قسم جا مشاهدا ماڻي چڪا هئا، هيءَ عورت پاڻ کي ڏاڍي هلڪائي ۽ فرحت واري ماحول ۾ محسوس ڪري رهي هئي ۽ انهيءَ مان ٻاهر نڪرڻ نہ ٿي چاهيائين.
